# سنڌوءَ

# جي

# جهلڪ

"جيهس ڪو نه جهان ۾، سنڌ، سو رمس هنڌ هاڃ"

(شاهه)

Prof. ★ Dr. Gh...
Allana ★ Institute of

ليلو رچنداڻي

محترم جي. الانا لاءِ
سڪ جي سوکڙي
ليلا رچنداڻي
١٩-٢-٩٨ [illegible]

# سنڌوءَ جي جهلڪ

(سنڌي قوم ۽ سنڌي ٻوليءَ تي سرسري نظر)

DR. GHULAM ALI ALLANA
DONATED BY
HYD. SINDH

ليکڪ: ليلا رچنداڻي

قيمت ٻه رپيا

# ٻه اکر

دنيا جا عالم في الحال ڏاڍن راهه تي هڪ ٿي ٻيا آهن ته سنڌو سڀيتا دنيا جي پراچين سڀيتائن مان هڪ اهم سڀيتا آهي. سنڌي جاتي پنهنجي اتهاس جي دور ۾ ڪيترن ئي ٻين جاتين سان لهه وچڙ ۾ آئي ۽ انهن کي ۽ انهن جي اکرن کي ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ اڄ تائين پنهنجي ٻوليءَ ۾ قائم رکي ويٺي آهي. مثال طور ٻکڙ قوم جا "ٻڌي ۽ ٻکاري" ۽ جاٽ قوم جو "جٽ" ڪرياٽ قوم جو "ڪرياڙو"، ڀٽي (فينيشن) قوم جو ڀنڀر ۽ ڀٽڪ"، آهير قوم جو "آهر" يعني جهنگلي (ڀاڪو: "آهر جي وڏائي، ڪني پاڻ الي آئي" يا "آهر ڪٽي او ٻٽي، رن وڃايو رنو")، آريه قوم جو "آريه" معنيٰ سڌريل، گرجر قوم جو "گجر" معنيٰ ڏلوڙيا ("گجر کي گجيل جوڻ، ڏاڙن ۾ ٿيڙون" - شاهه) وغيره وغيره.

اهڙا ڪيئي اکر سنڌيءَ ۾ قائم آهن ۽ اهي زمانن کان وٺي هلندا پيا اچن. سنڌي ڳالهين وڏي ڏيهه کي چون "ڏُو رو". حقيقت ۾ اهو "ڳانورو" اکر جو هڪ روپ آهي جنهن جو مطلب آهي "وڏو". مرهٽيءَ ۾ ٽِپيل کي "ڳانورو" ٿي چون. مرهٽيءَ ٻوليءَ ۾ ڏاڙهي کي چون "اوٻري"، سنڌيءَ ۾ چون اوٻرو. سنڌيءَ ۾ "مارئي" هڪ ناول جيئو وڃي ٿو. انهيءَ اش جي منزل وقعه ان جو ارٿ هو "پرينما" جنهن

ڇپيندڙ :-
ڪمل پرنٽنگ پريس ۽
ڪبير نگر ، احمدآباد ،

## شڪر گذاري

انهن مڙني سائين ۽ سهڻن جي ، جن جي سهڪار کان سواءِ جيڪر هيءَ ڪتاب ڏينهن جي روشني نه ڏسي سگهي ها.

ليکڪ

ڇپائيندڙ :
گجرات ڪوچنگ ڪلاسز ،
ڪبير نگر احمدآباد

Printed by Shri Khemchand T. Parwani at the Kamal Sindhi Printing Press 80, Dewlali Bazar, Kuber Nagar, Ahmedabad.
and Published by L. D. Ruchandani at Gujrat Coaching Classes, Kuber Nagar Ahmedabad.

DR. GHULAM ALI ALLANA
DONATED BY
HYD. SINDH

# ١- سنڌي ۽ ساڪ!

ٻـره ٻـڳهه ڇـوڙيا، ڪـاري ڪـڙائـن،
وڏي ٻاڳ ٻڙن، جي ڪهيا ڪارواڻار ڏي (شاه)

وشو جو اهو ڪو وسيل ٽڪرو نه هوندو، جتي ڪو اڪو سنڌي نه هوندو. ڏور ڏيهن ۾ ايامن کان وٺي سنڌين جون ڪوٺيون پٽي رهيون آهن. جي ويا جاوا، سي ٽيا ساوا. سنڌ جو ڪافي حصو رڻ پٽ واري اراضي هوندي به، سنڌ سڃي نه هئي. سنڌين سنڌ کي ٺاهيو ۽ سر سبز ڪيو. قابل قدر مان، چين ولائت مان، ڪوه ڪاف جي اراضين مان، لنڪا مان سون جواهرات ۽ لال ياقوت ڪٺي سنڌين سنڌ کي اچي ٿي اڏيو.

نه فقط ايترو، پر سنڌين کي پنهنجون الڳ بينڪون به هيون. گهڻا، تمام گهڻا زمانا اڳ سنڌي قوم پنهنجي پوري اوج تي پهتل هئي. اتهاس ۾ ڏيکاريل آهي ته عيسوي سن کان ڏيڍ سو ورهيه اڳ ساڪ ۽ سٿين لوڪ هند جي اتر اولهه حصي تي ڪاهي آيا. عيسوي سن کان ٽي سو ورهيه پوءِ به انهن قومن جو هند جي ڏکڻ حصي تي راڄ هو. ڊاڪٽر راڌاڪمد مڪرجيءَ جي راءِ موجب ” ساڪ قومن جو اتر سنڌ، گجرات ۽ اولهه

هيٺين مارواڙي دوهي مان ظاهر آهي:

مارو ٿارا ديش مان ڏنان ٽرڻ رتن
- اڪ ٻوليو، دوجي مارو ڙي، ٽو جو ڪسنبو رنگ

ڪانيا واڙي ۾ اِ ۽ آ پڇاڙي وارن مونث اسمن جو جمع اون گڏڻ سان ٺهندو آهي، سنڌيءَ ۾ ائين ٿي آهي. مثال:- ٻاهه. ٻاهيون، ڳانءِ - ڳايون، ڪاهه، ڪاهون.

هن ننڍڙي ڪتاب ۾ سنڌيءَ جي مختلف اکرن جو جدا جدا ٻولين جي ساڳئي معنيٰ وارن اکرن سان ڀيٽي انهن اکرن جو اِتهاس هڪ طرف ته سنڌي قوم جو ٻين قومن سان سنٻنڌ ٻئي طرف همت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. اکرن جو اِتهاس اِهو ڪاله قوم جي اِتهاس تي ڪافي روشني وجهي سگهي ٿو. پاڻن جي رقمن ۾ "پائيون ۽ ڪاريون" ماپ لاءِ ڪم ايندڙ هيون. اڄ ۾ "ٽويسا، ڪارا ۽ کرار" ماپڻ لاءِ ڪم ٿيا اچن. "اوڏيون پائيون، پاسيرا ٽويا" آهي. اکر ڪيترو اڄ جهونا ڇٽيا!

آخر ۾ سنڌي اکرن جو ويدن ۽ پراڪرت جي وقت کان وٺي سلسليوار اِتهاس ڏيئي اها ڳالهه ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي ته ٻوليءَ جو روپ ڪو خاص بدليو ڪونهي ۽ سنڌي زمان کان وٺي ساڳي رهندي پئي اچي!

احمدآباد

مئي ١٩٦٣ ليلو رچنداڻي

ٿي ڳنڍي ۽ "اهي هندي هندي نه پر هندي قوم
جي هڪ شاخ **سنڌي** ٿي هئا." ڪيئي سنڌ جي
موجوده اپراضي ۽ ڪئي هزارين ميل دور اتر ڪوه
ڪاف (ڪاڪيزس) جبل جي اپراضي، جتي برف
ٿي بـرف پيئي وسي! سنڌين ڪيترو نه دور
۽ ڪهڙين نـ ڪٺن حالتن ۾ هڪ عجيب بستي
وڃي وسائي هئي؟ ڪوه ڪاف جون پـريـون
جو سنڌي لوڪ ڪٿائن جون نائڪائون ٿي ڪم ڪنديون
آهـن، سو شـايد ڪـوه ڪاف سان ان پراچين
ناتي ڪري! وڪيانين جو رايو آهي ته "هيرو دوٽس
جن هندين جو ذڪر ڪيو آهي سي صحيح معنيٰ ۾
سنڌي سمجهڻ گهرجن". ڪوه ڪاف ۽ ان جي پـر
واري **ڏامن** اپيبيت لاءِ قلم هلائيندي لکي پڳو مڙني
پراچين ليکڪن پڻ لکيو آهي ته "ڏامن اپيبيت هڪ
ننڍڙي قلم نالي **سنڌيءَ** جي ٿي بسڻي پئي رهي
آهي جنهن قوم جي ملڪ جو نالو **سنڌيا** يا **سنڌيڪا**
آهي". يونان جي مشهور ڊڪشنريءَ (شبد ڪوش)
نالي **هيڪائڪيا** Hechychia ڊڪشنري لمار جهوني
۽ پروسي جوڳي ڊڪشنري ڄڻي ويندي آهي.
**والنسن** طرفان هيرو دوٽس جي ڇپايل **هسٽري** جي
جلد پئي ۾ جيڪو لفظ "هيرو دوٽس موجسدليا" جي
نالي سان ڏاو ويـو آهي، ان ۾ بـ ڪوه ڪاف

هند جي حصي ۾ گهڻو رهيو ۽ اهي ساڪ ڏاري ڏاري هندو ٿي ويا." (ڏسو: هندو سولزيشن، صفحو ٦٦)

هينئر ظاهر ٿي رهيو آهي ته اهي ساڪ قومون سنڌ تي حملي کان اڳ ئي سنڌي قوم سان مليل جليل هيون ۽ ٻنهي قومن وچ ۾ ڪافي ڏي وٺ هئي ايتري قدر جو چيو وڃي ٿو ته سنڌ تي نالو به ساڪ قوم جي اکر **سن** Sin مان پيو جنهن جو مطلب آهي ندي. سنسڪرت ڀاشا جو شبد **سنڌو** معنيٰ ساگر سنسڪرت ڀاشا ۾ گهڻو پوءِ داخل ٿيو ٿو ڏسجي. ساڪ قوم ۽ سنڌي قوم جو رشتو سنڌ کان ٻاهر پختو ٿيو هو.

يونان جو مشهور اتهاسڪار **هيرو دوتس** عيسوي سنه کان پنج سو ورهيه اڳ حيات هو. سنسڪرت ڀاشا جي جنم داتا **پاڻن** مهرشي * جو زمانو به لڳ ڀڳ ساڳيو ئي هو. هيرو دوتس پنهنجي اتهاس ۾ هڪ ملڪ جو ذڪر ڪندي لکي ٿو "سڄي ديش جي آب و هوا سخت ٿڌي آهي. سال جا اٺ مهينا ته نه سهڻ جهڙي ٿڌ هوندي آهي .... سمنڊ ۽ سڄي ڪميرين ايراضي ڄميل ٿي رهي، جنهن ڪري ساڪ لوڪ برف جي مٿي طرف **هندين** جي ملڪ ڏانهن وڃي رهندا آهن."
موجوده اتهاسڪارن جي راءِ موجب اهو ڪميرين ملڪ هاڻوڪي ڪرچ جي [illegible] تي آهي جا بلئڪ سي (ڪاري سمنڊ) کي ازوو AZOV جي سمنڊ سان

# ٢- سنڌي ۽ مصري!

اگست جان اچمان ڪري، اوڏيا سنڌ سڪاءِ (سامي) اگست رشيءَ جي ڳالهه ڪندا آهن ته، جڏهن هن جا آريه لوڪن جي ڪن اڳواڻن سان مطيبد ٿيا، تڏهن اتر ڀارت کي ڇڏي اچي ڏکڻ ڀارت وسايائين، ان وقت موجوده مهاراشٽر جو ڳپل حصو سمنڊ هيٺ هو. اگست رشيءَ خشڪيءَ کي پيدا ڪرڻ لاءِ سمنڊ کي حڪم ڪيو ته پٺتي وڃ. حڪم موجب سمنڊ جو ڪجهه حصو سڪي ويو.

ڀرڳول جي ڄاڻن موجب گهڻو اڳ، موجوده سنڌ به سمنڊ هيٺ هئي. پر پوءِ مهراڻ جي مهر ٿي ۽ ڪڏهن اگست جي اچمان ڪري سنڌ جو ڳپل حصو سڪي ويو. منهوڙو ڀانئيندڙ ڪان سنڌ جو نگهبان ٿي بيٺو. جي ائين چئجي ته منهوڙو ئي سنڌ جو اگست هو ته غلط نه ٿيندو. منهوڙي ۾ جندا پير جو مندر ابا من ڪان وٺي قايم آهي. شري پرمانند ميوارام پنهنجي ڊڪشنري ۾ **جندا** جو مطلب سمجهايو آهي "سنڌو نديءَ لاءِ هڪ خطاب a title for the river Indus" ۽ سنڌوءَ جو مطلب ئي آهي ساگر، ان ڪري اهو خطاب ساگر جو ئي هجڻ گهرجي. جڏهين کان وٺي انسان هستيءَ ۾ آيو آهي، تڏهن

(ڪاڪيزس) جبل جي اتر طرف واري **سنڌيڪا** Sindica جو ملڪ نشان ڪيل آهي. ڇنجو ته هيروڊوٽس کي به سنڌي قوم جو پتو هو! ڪوهه ڪاف جي اتر طرف واري سنڌي آبادي وري نه هيروڊوٽس جي زماني کان به گهڻو اڳ جي وسايل هوندي، انهن سنڌين جي آبادي جي سنڌ جهڙي پوري ٺهي اب و هوا واري ملڪ کي ڇڏي برف جي وچ ۾ وڃي وسڻا هئا ۽ ساڪ قومن کي به پنهنجي تابع ڪري ڇڏيو هئائون!

ساڪ قوم ۽ سنڌي قوم وچ ۾ اهو گهرو لاڳاپو ٿي هو شايد، جو ساڪ قوم وارن کي پنهن جو وطن هميشه لاءِ ڇڏي اچي سنڌ ۾ رهڻو پيو ۽ سنڌي قوم ۾ جذب ٿيڻو پيو. ساڪ قوم جو نه صرف **سن** معنيٰ ندي اکر **سنڌ** اکر سان لاڳاپو ٿو رکي پر هڪ ٻيو اهم اکر به آهي جو آهي: **ڪنٽ** جنهن جي معنيٰ آهي شهر. اهو **ڪنٽ** اکر سوگدي (سوڊي) ٻاشا ۾ ڦري ٿيو **ڪنڌ**. لاڙڪاڻي ضلع جي شهر **ڪنڌڪوٽ** ۾، اڃا ان ساڪ قوم جي ڇاپ لڳل ٿي نظر اچي. پر ڪهڙي خبر نه آهي **سن** ۽ **ڪنٽ** اکر ڌاڳهين ٽيمت سنڌي اکر هجن ۽ ساڪ قوم سنڌ کان ٻاهر سنڌين جي ميلاپ مان هٿ ڪيا هجن، ڇو نه سنڌ ۾ سنڌ ٿالي جا اهڃاڻ ۽ گهڻو پراچين ٿا لڳن؟

ڪنهن شخص جو نالو نه پر ”خوش خير عافيت“ ڪرڻ جو هڪ دستور هو جنهن دستور جو مطلب هو ته ”سامهون وارو سدائين پاڻ ۾ شاد رهي.“ ان ڪري مينروس خوشيءَ جي هر موقعي تي ڳائو ويندو هو.

**مِن ـ هور** ۽ منهوڙو ـ ڪيڏي نه پراڻي اکرن ۾ سمايل آهي لڳي! پراچين مصري ۽ پراچين سنڌي هڪ ٻئي جا سچا ڀاءُ هئا. جي سنڌي ڪوه قاف کان مٿي ڪري ڳچي ڏٻ تي ۽ تي وڃي تي وسيا، جن سنڌين جو ملل جو ڪپڙو يونان ۽ ترڪيءَ ۾ **سنڌن** جي نالي سان تي هليو ايتريقدر جو ايشيا مائنر جي هڪ ايراضيءَ جو نالو به ان ڪري پنيان **سنڌن** تي پئجي ويو، انهن سنڌين جا واپاري سنبت مصري لوڪن سان به گهرا هئا جو سنڌ جو ڪپڙو مصر ۾ به واپاپو ويندو هو.

منهوڙي جو مندر سماءَ جو مرڪز رهندو آهي. ڏينهن رات اتي ساز ۽ سرود جي مجلس لڳي پئي هوندي آهي. لال صاحب جي استتي ۾ پنجڙا ڳاتا ويندا آهن. جي مصر جو **من ـ هور** گيت داتا هو ته سنڌ جو **منهوڙو** به گيت جو ئي شائق آهي.

مصري ٻولي جيعوٽيڪ ٻولين جي **هيڏي** گروه سان واسطو رکي ٿي، پر ان جي ڪجهه اکرن جو ميل سنڌي اکرن سان به رهي ٿو. **سنڌي** ٻوليءَ تي **سامي** ٻولين جي گروه جو به اثر ٿيل آهي. ڊاڪٽر

ڪان ونئي سنڌ يعني ساگر جي پوڄا ڪندهن ۽ ڪنهن ديو جي صورت ۾ هلندي پيئي اچي. هينئر ۾ ساگر جو ڀيرون ديوتا **ورڻ** آهي. ان **ورڻ** ديوتا جي پوڄا سنڌ ۾ ايتريقدر ته آهي جو سنڌي گهڻي ڀاڱي ڇنبا ٿي آهن درياه پنٿي. اهو **ورڻ** ديوتا سنڌين ۾ مڇوڙي جي صورت ۾ به قائم آهي ته اڏيري لعل جي صورت ۾ به قائم آهي. ڪيس ڪي لعل صاحب چون ته ڪي زنده (جندا) پير.

هيرو ڊوٽس جي اتهاس (جلد ٻئين، صفحو ٣٢-١٣٠) ۾ هڪ **مينروس** جو ذڪر ٿو اچي. هيرو ڊوٽس موجب "**مينروس** مصر ديس جي پهرئين راجا جو پٽ هو جنهن جي اوچتي موت ڪري مصري لوڪن کي ڏاڍو صدمو پهتو هو؛ هنن ان جي موت تي هڪ راڳڻي جوڙي جنهن کي به مينروس ڇيو ويو. اها راڳڻي مصر ۾ راڳن جو بنياد ڇئي ويندي آهي". ولڪنسن موجب ان راڳڻي جا مختلف ملڪن ۾ نالا به نرالا ٿي آهن. يونان ۾ ان کي ليمنوس Linus ٿي ڇيو ويو. ڪن جو رايو آهي ته **مينروس** جو صحيح نالو **من هور** Man-Hor ٿيڻ گهرجي. مصر جي چٽر لپي Hierogly phics ۾ **مينروس** جو اچار به من - ري Men-Re ٿي آهي جنهن جو مطلب ڪيو ويو آهي "گيت داتا Maker of the hymn ڀلوٽارڪ جو رايو آهي ته **مينروس**

هئائي اکر **ب** ۽ ان ڇورس جي پيٺ مستطيل ماں ٺهيل
ٿي نظر اچي. مصري ٻوليءَ ۾ انهي کي چون چمال.
ان انهي اکر مان ٺاهيو ويو **ج**. اڄ ڏائين صرف سنڌيءَ
۾ ٿي **ج** اکر کي **جيم جت** (اوٺي) ڪري سڏيو
ويندو آهي.

هيرو ڊوٽس جي اتهاس ۾ هڪ مصري راجا
**ڪئمبيسس** Cambyses جو نالو اچي ٿو. چيو وڃي ٿو
ته عيسوي سنه کان پندرهن سو ورهيه اڳ ان راجا جي
پٽ **سٽرس** Syrus سنڌ جي ديش تي مڪران ۽ لس
ٻيلي جي طرف کان حملو ڪيو هو ۽ شڪست کائي
واپس ورڻو هو. اهو به چيو وڃي ٿو ته ڪئمبيسس راجا
کي سنڌ جي ارد گرد وارين اراضين مان ڪيترو ئي
سون ڏن طور ملندو هو. هيرو ڊوٽس جو چوڻ آهي
ته ”سنڌ وانديءَ جي ارگرد وارين اراضين ۾ ڪو بيابان
هو جنهن جي واريءَ مان سون ملندو هو.“ هڪ ٻئي
يوناني اتهاسڪار **اوڊيسيڪرٽوس** چاتايو آهي ته،
”سنڌ اندر سون ۽ چانديءَ جون کاڻيون هيون.“

چئبو ته ڪنهن زماني ۾ سنڌ اهڙي ته ڀاڳن ڀري
هئي جو پنهنجي سون جي انبار مان مصر جهڙن
شاهوڪار ديشن کي به مالامال ڪندي هئي. ان وقت جا
سنڌي ڪيترو نه خوشحال هوندا.

مريو **پي** جي راءِ موجب " سامي ۽ حامي گروهن جو پاڙ ۾ گهرو رشتو هو " ( لئنگئيجز فار ايوري باڊي ، پاڪيٽ ايڊيشن ، صفحو ٢٥٨ ) . مصري ٻوليءَ جو اکر **ما** معنيٰ ماتا ، سنڌيءَ ٻوليءَ جي **ماءُ** اکر سان ميل کائي ٿو . **لارچر** نالي هڪ پاشا وگيانيءَ جو رايو آهي ته جي مصري اکر **ٻيڪوس** مان **اوس** ڪڍي ڇڏجي ته باقي وڃي بچندو **ٻيڪ** جو رڍن ۽ ٻڪرن جي آواز **ٻي ٻي** جي معنيٰ رکندڙ آهي . مصري **ٻيڪ** ۽ سنڌي **ٻيڪ** وچ الپ ماتر تفاوت مس آهي . مصر ۾ ڍڳي کي **آوا** چوندا هئا . ڍڳي جي سڱن مان **الف** اکر نڪتو آهي . شروعات ۾ ڍڳي جي پوڄا گهڻي هئي . مصر ۾ چاهي موهن جي دڙي ۾ ، سمير ۾ چاهي بابل ۾ ڍڳو ٿي پوڄا آستانن ۾ اهم جڳهه والاريندو هو . سنڌي ڪهڻيءَ موجب " هر ٿوي ڍڳي جي سڱن تي پيل آهي ۽ جڏهن ڍڳو سڱ بدلائي ٿو ، تڏهن زلزلو ٿئي ٿو . " شاهه صاحب ته **الف** کي ئي دنيا جو سار سمجهيو آهي . ڇي

" الف جنهن جي اڳ ۾ سا ست ته سارين " .

هندو سنڌي يعني هٽائي اکرن جو **ايڱڙي** اکر ڍڳي جي سڱ جي **شڪل** آهي . اهڙيءَ طرح مصري پاشا ۾ **ٻا** اکر جو مطلب هو گهر يا جڳهه . لکاوٽ ۾ ان جو شروعاتي روپ چورس جي شڪل جهڙو هو .

مرھئي اکر **وڊيل** جنھن جو ارٿ آھي "پتا" ان جو لاڳاپو بہ ان **ورڏور** سان ڏيکاريو ويو آھي. ان اشتقاق موجب اڏيري جو رشتو پاڻيءَ سان جوڙي ٿو سگھجي پر اھا معنيٰ اڏيري لعل سان ٺھڪي ٿي. اڏيري اکر جو مطلب "وڏو" ۽ ير "پاڻي" ٿي آھي. اڏيرو جل ديوتا آھي، اھو انھيءَ مان ٿي ظاھر آھي جو ڪيس نہ صرف بابا جندا يا جندہ پير سڏيو ويندو آھي، پر سنڌس لاءِ ٻھر (پاڻي) ۾ نذرانا بہ وڌا ويندا آھن جن کي **ٻھراڻا** چيو ويندو آھي.

۽ اھو جل ديوتا سنڌين لاءِ گھڻو پراچين آھي. ٿي سگھي ٿو تہ مرڪہ شاہ واري زماني ۾ بہ ڪنھن سورويہ سنڌيءَ ظالم جو مقابلو ڪري، کي اھڙا ڪرتب ڏيکاريا ھجن، جن کي عام طرح معجزا يا ڪرامتون سڏيو آھي ۽ ان ڪري ھن کي اڍو راج جو خطاب ڏنو ويو ھجي. سنڌي درياہ پنٿي زمانن کان وٺي آھن. سنڌن ٻھريون جل ديوتا **ورڻ** آھي. **منھوڙي** ٿي بہ اکا وجھي **منھوڙي** کي جل ديوتا مڃيو ويندو آھي. اھڙيءَ طرح **اڏيرو** بہ جل ديوتا آھي.

ان اڏيري اکر جا اھڃاڻ سنڌ کان گھڻو دور، عراق ۾ ميسو پوٽيما طرف **سمير** جي اراضيءَ ۾ بہ نظر ٿا اچن. سميري لوڪن جو بہ ھڪ جل ديوتا ٿيو آھي جنھن جي لالي ھنن ھڪ شھر بہ اڏايو ھو، بلڪل اھڙيءَ

# ٣- سنڌي ۽ سمبري

منهنجي پيڙي اُنءَ وچ سمر لي،
پلءَ پايان تي مان جند پير لسي.
(لال صاحب جو پنجڙو)

جي مصر جي من-هور ۽ سنڌ جي **منهوڙي** کي گيت ۽ سنگيت جو شوق هو ته سنڌ جي لال سائين يعني **اڏيري لعل** جي استتي ۾ وري گيت ۽ سنگيت رستي ڪئي ويندي آهي. پنجڙا ڳاتا ويندا آهن، ڇيڄ هڻي ويندي آهي، ڏونڪن جو تال واه ڇپي موج مچائيندو آهي.

اڏيرو لال سنڌ جي هڪ وير جو نالو چيو وڃي ٿو جنهن ننڍي جي مرک شاه جي ظلم جو مقابلو ڪيو هو. اڏيري لعل جي اتهاس جي اڃا پوري کوج نه ٿي آهي. سنسڪرت **اُڊو** اکر جي معنيٰ آهي پاڻي ۽ **اُڊو راج** معنيٰ پاڻي جو ديوتا. اهو **اُڊو راج** ڦري اڏيرو ٿيل ٿو ڏسجي. ڪن ڏٺن ڏري اڏيري جو بنياد سنسڪرت اُڊو راج نه پر **ورڏور** ڄاڻايو آهي. انهن ان **ورڏور** مان نڪتل سنڌي اکر وڏيري جو پيو روپ **اڏيري** لعل کي سمجهيو آهي ۽ ان لاءِ هنن ڪناڙي ٻولي ۾ جي اکرن **وودييار** ۽ **اوديار** جو حوالو ڏنو آهي جنهن جي معنيٰ ٻڌائي اٿن "وڏو"

آهي جو آريہ لوڪ هميشہ ”**س**“ کي ”**ھ**“ تي ڪيو ان ڪري جي انهن چئجي تہ **سميري** اصل ۾ **سنڌي** هئا تہ غلط نہ ٿيندو. ”تحفة الڪرام“ ۾ ڊاڪٽر **نبي بخش بلوچ** سنڌ جي سمن ۽ سومرن لاءِ لکيو آهي تہ ”ٿي **سگهي** ٿو تہ سما خواہ سومرا پراڻين **سميري** جاتيءَ جون شاخون هجن جن بعد ۾ سنڌ کي اچي پنهنجو گهر بڻايو هجي.“

شري **رگهوناٿ پنڊت** پنهنجي ڪتاب ”انڊياز ليگيسي India's Legacy“ ۾ لکيو آهي تہ ”سمير ۾ گهرن جون ڏيڊيون ۽ گندي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ جيڪي ناليون ٺهرايل هيون، انهن جو نمونو بلڪل اهڙو ئي هو جهڙو موهن جي دڙي جي اوج واري وقت ۾ ان جي گهرن جي ڏيڊين ۽ نالين جو.“ اڳتي هلي ڪن حوالن جو ذڪر ڪندي **پنڊت** وڌيڪ لکي ٿو تہ ”مصر ملڪ جا باشندا سمير مان ئي اوڏانهن ويا هئا. انهن لوڪن کي **انوس** Annos سڏيو ٿي ويو. **اهي انو** Anno جا پوڄاري هئا .... اهي **انوس** لوڪ اصلي **هندي** لوڪ هئا.“ چيڪوسلوواڪيا جي پاشا وگياني ۽ **بيدرڪ هروزنيءَ** وري ڄاڻايو آهي تہ ”موهن جي دڙي جي اوج واري وقت ۾ سنڌو لوڪ هڪ ديوتا جي پوڄا ڪندا هئا، جنهن کي **ان** An ٿي سڏيو ويو.“ سميري **انو** ۽ سنڌي **ان** ديوتائن

جي ٽالن ۾ هڪجهڙائي صاف پيئي ڏسڻ ۾ اچي ۽ ڇئمو ته مصر جا پهريان باشندا جن مصر جي سڀيتا جو بنياد وڌو، جن دنيا کي چترلپي ڏني، جن جي عقل ۽ هنر جي اڄ به هاڪ پيئي ٿئي، سي اصل ۾ **سنڌي** هئا!

**اي. سي. ونڊل** جو چوڻ آهي ته "سميري ۽ سنڌي راجائن وچ ۾ گهڻو ميل جول رهندو هو." **پنهنجا** جو لکڻ آهي ته "سميري فوجون گڏهن تي سوار ٿي لڙائين تي ويندڙيون هيون .... ۽ گڏه سنڌ ۾ ڪڇ ۽ گجرات ۾ به سواريءَ لاءِ ڪم ايندا هئا .... **ماڻا سيڻلا** جي سواري گڏه آهي جو ته سواريءَ لاءِ پهريان گڏه ئي ڪم آيو هو ۽ ماڻا **سيڻلا** جو لاڳاپو پراچين زماني سان ڳنڍيل آهي جڏهن انسان جهنگلي جانورن کي پنهنجي اپيوگ ۾ آڻڻ لاءِ وکون ٿي وڌايون."

"عدن جو باغ" مشهور آهي. ان باغ ۾ ٿي ڏاڏو آدم ۽ ڏاڏي حوا رهندا هئا. ان باغ جي هڪ ڦل ٿي حوا ۾ هڪ هوس پيدا ڪئي جنهن انسان جي ذات کي وڌايو. اهو "عدن جو باغ" ڪٿي هو؟ اتهاسڪار ان باري ۾ اڃا هڪراءِ نه ٿي سگهيا آهن پر هڪ مڙي جي ڳالهه ته اها آهي ته موهن جي دڙي واري اوج جي وقت ۾ به **سنڌ** کي "عدن جو باغ" سڏيو ويندو هو! اتهاس ۾ ڄاڻايل آهي ته "پڻڪجاتي ۽ Phoenicians

ٽري ٻوليءَ ۾ ماءُ کي مِہن چوندا آهن. ان کان سواءِ **مان** اکر جو سميري ڀاشا ۾ فاعلي چاهي مفعولي صورت اضافتي ضمير هو مُو mu. سنڌيءَ ۾ به **مون** ساڳي معني ٿو رکي.

ميان مار ۾ **مون**، متان ٽنهنجو ٿي توکي لڳي.
(شاهه)

سنسڪرت ڀاشا ۾ **مان** لاءِ اکر آهي **اهم** جو **مان** اکر جي روپ کان بلڪل نرالي روپ وارو ٿو لڳي. سميري **ٽگم** tug ڪپڙي يا اُڄٽڙيءَ کي چئبو هو. سنڌي **ٽڳڙيءَ** جو ارٿ به آهي اُڄڙي.

سميري سال ۾ ٻارهن مهنا ٿيندا هئا. هر ڪو ٽئون مهنو چنڊ جي پوري ٿيڻ کان پوءِ شروع ٿيندو هو. ڏينهن جو پورو حساب رکڻ لاءِ مقرر عرصي کان پوءِ هڪ تيرهون مهنو به گڏيو ويندو هو، جنهن کي سميري لوڪ **ادر** addar چوندا هئا. سنسڪرت ۾ ان تيرهين مهني کي **پرشوتم** چوندا آهن پر **سنڌيءَ** ۾ اهو تيرهون مهنو **اڌڪ** چئبو آهي. **ادر** ۽ **اڌڪ** ۾ ڪافي سمانتا پيئي لڳي.

سنڌي ۽ سميري ڪافي وقت تائين هڪ ٻئي سان لهه وچڙ ۾ رهيا ۽ هڪ ٻئي کي گهڻو ئي ڪجهه ڏنائون ورتائون. سميري قوم صفحي هستيءَ تان ميٽجي ويئي پر سنڌي هزار صدمن سهندي به اڄ تائين قائم آهي.

# ٤ - سنڌي ۽ هٽي!

اندر ٻاهر هڪ جان، پڳوس هڪ ياسي. (سامي)

ٻي هڪ قوم جنهن جا ٻه سنڌ ين سان ڳهاٽا ناتا هئا جا اڄ ڏيهاڄي نقشي ۾ آهي ئي ڪانه، اها هٽي ميسو پوٽيميا جي هڪ ابراضي ۾ وسيل قوم **هٽي.** اها **هٽي** قوم گهڻي ڀاڱي واپاري قوم هئي. **هٽي** اکر جو **سنڌي** اکر هٽ معنيٰ دوڪان، واپار جي جڳهه سان هو يا نه، سو پوري ۽ طرح چئي نٿو سگهجي جيتوڻيڪ اکرن جو روپ ٻڪرانب هڪجهڙو ئي آهي. **هٽي** ٻولي جي ڪيترن اکرن جو مطلب سنڌي اکرن جي لڳ ڀڳ ساڳئي روپ وارن اکرن سان ميل کائي ٿو. اهڙو هڪ اکر آهي **نپ** معنيٰ آسمان. سامي پنهنجي سلوڪن ۾ سنسڪرت جي اکرن کي گهڻو ڪم آندو آهي. ان ڪري ٿي سگهي ٿو ته **نپ** اکر به ڪنهن پراچين آريه ٻولي ۽ جو ڪو روپ هجي پر پراچين **سنڌي** ٻولي ۽ ۾ اهو **نپ** اکر شايد لڳ ڀڳ ساڳئي روپ ۾ قائم آهي جو **هٽي** ٻولي ۽ ۾ به هڪ **نيبش** اکر جو مطلب هو آڪاس. **نپ** ۽ **نيبش** ۾ چڱي هڪجهڙائي آهي. چيڪوسلوويڪيا جي **زيڪ** ٻولي ۾ هن وقت به آسمان کي **نب** nebe چوندا آهن چئبو ته سنڌي **نپ** ٿي اوائلي اکر آهي!

هنن لوڪن جي نزديڪ وري هڪ ٻي قوم نالي ٿَري رهندي هئي. ان قوم جا انگ سنڌي انگن سان ڪافي ميل کائين ٿا جهڙي طرح

| ٿَري انگ | سنڌي انگ | سنسڪرت انگ |
| --- | --- | --- |
| اَڪ | هڪ | ايڪه |
| ٽر | ٽي | ٽريه |
| پنڄ | پنج | پنچه |
| سَت | ست | سپت |
| نو | نو | نو |

ٿَري لوڪ هندو ديوتائن **اندر** ۽ **ورڻ** جي پوڄا ڪندا هئا جنهن مان ظاهر آهي ته اها قوم خود ڪنهن هندي قوم جو جزو هئي ۽ جيئن ته انگن جو نمونو سنڌي انگن جهڙو پيو لڳي، ان ڪري ڪٿي اها **ٿَري** قوم **سنڌي** قوم نه هجي؟

**هٽي** لپي ۽ موهن جي دڙي واري **سنڌي** لپي ۾ وچ ۾ ڪافي ميل جول ڏٺو ويو آهي ايتري قدر جو **هروزني** جهڙي ڀاشا وگياني جو چوڻ آهي ته „ڪنهن اوائلي اڄهي ۾ ويهي هيرو گليفي هٽي لوڪن ۽ اوائلي سنڌو لوڪن هيرو گليفي (چتر لپي) لکاوٽ کي ٺاهيو ٿو ڏسجي. اها پراچين قوم پوءِ ٻن طبقن ۾ ورهائجي ويئي. هڪ هٽي هيرو گليفي هٽي قوم جا اڳر اولهه ۾ هليا آيا ۽ ٻيا هٽي اوائلي هندي يعني پروٽو انڊين." هروزني ۽ موهن جي دڙي واري سڀيتا جي اڏيندڙ لوڪن کي ئي اوائلي هندي لوڪ سڏيو آهي جي **سنڌي** لوڪ ئي سڏي سگهجن ٿا.

ارٿ آهي ”ٻڪ جو اڌ“ هنن لوڪن ۾ لپ lappa هڪ قسم جي وڏي ڇٽڙي کي چيو ويندو هو. جنهن جي صورت ٻڪ جي صورت جهڙي هئي. هنديءَ ۾ لپ اکر نٿي ڪوٺجي. سنسڪرت ۾ به اهو ڪنهن به صورت ۾ ڪونهي. هندوستاني ٻولين ۾ اهو اکر صرف سنڌي ۽ پنجابي (لهندا) ٻولين ۾ آهي جي ٻئي ٻوليون هڪ ٻئي جون پاڙيسرياڻيون آهن.

**هالاڻي** اکر به گهڻو جهونو پيو لڳي. نوابشاهه ضلع جي هڪ ڳوٺ جو نالو آهي. چڇنامي ۾ ڄاڻايل آهي ته ”هالاڻي هالا نالي هڪ قوم جي بستي هئي. ”سنڌ جو سيلاني“ نالي ڪتاب ۾ به ڪاڪي ڀيرومل لکيو آهي ته ”هالا هڪ قوم هئي جنهن تان هالن جو نالو پيو آهي.“ چئبو ته هالا قوم ايتري قدر قديم هئي! سنسڪرت ۾ **هالا** اکر جو مطلب آهي **شراب**. چئي اٿو سگهجي ته **هالا** قوم کي شراب جو ڌنڌو هئي. پر ان کان هڪ وڌيڪ ٺهڪندڙ لفظ وري به **هنن** لوڪن جي ٻوليءَ مان ملي ٿو، اهو آهي هالاڻي halani جنهن جو ارٿ هو ”زمين جو اهو قسم جنهن جو ملهه آباد زمين جي ملهه کان گهٽ هجي“. ان اکر جو اچار شايد پيو به هجي ۽ مطلب موجب شهر يا ڳوٺ جي نالي سان ٺهڪي ٿو اچي. ڪئي هالاڻيءَ جو بنياد ئي اهو ته نه آهي؟

لوڪ چيٽن وادي. **اٿرويد** ۾ جنن پوڄن جي پوڄا ڪيل آهي. **رگ ويد** ۾ اندر، **ورڻ** وغيره جي استتي ڪيل آهي. ايم. لينورمونٽ نالي هڪ ليکڪ پنهنجي ”ڪالڊين منٽ“ "Chaldean Magic" ۾ لکيو آهي ته ”آريه لوڪ قدرت جي سڀني شڪتين کي ديوتا ڪري پوڄيندا هئا ۽ **منگولائي** قوم وارا خراب.“ پال گنگادر تلڪ جو رايو آهي ته ”ٿي سگهي ٿو ته اٿرو ويد ۾ جن ڳالهين جو ذڪر آهي، اهي آريه لوڪن ڪالڊي لوڪن وٽان ئي ورتيون هجن.“

اهي **ڪالڊي** ڪير هئا، جن وٽان آريه لوڪ جنن پوڄن لاءِ منتر سکيا؟ ويد سنڌو نديءَ جي ڪناري تي ٺاهيا ويا ۽ ان ڪري اٿرويد جا منتر به انهيءَ ئي ايراضيءَ ۾ کين هٿ آيا هوندا، يعني سنڌو ايراضي ۾. ملتان ۽ سنڌ ۾ رهندڙ اسر لوڪن جو سنبنڌ ڪالڊي لوڪن سان گهڻي وقت کان وٺي هو ايران طرف **اسرن** کي چوندا ئي **اٿر** هئا ان ڪري اسر ۽ اٿر هڪ ئي قوم چئي سگهجي ٿي ۽ **اٿر** جاتيءَ جي شخص کي **اٿرون** چئبو. اٿرويد جو رچيندڙ رشي **اٿرون** هو. اهو اٿرون يقين ڪري **سنڌي اٿر** ئي هوندو. موهن جي دڙي مان هٿ آيل مهرون ڏيکارين ٿيون ته سنڌ ۾ جنن پوڄن ۽ وڻن ٽڻن جي پوڄا هلندڙ هئي. ان دڙي مان جهڙي لاش مليا آهن، انهن مان ڪي لاش،

# ٥- سنڌي ۽ آريه قومون!

جن آريه لوڪن چار ويد ڏنا هيا، اهي ٻهراڻ ٻهرين سنڌو نديءَ ٻي ڪناري وٽ وشال سنڌو ديش ۾ ٿي اچي رهيا هئا. سندن اچڻ کان اڳ سنڌ ۾ ٻيون قومون رهنديون هيون. اهي ڪي اڻ سڌريل قومون ڪو نه هيون. انهن قومن ٿي موهن جي دڙي جي اوچ سڀيتا کي اڏيو هو. انهن قومن جي سنسڪرتي پنهنجي ۽ ٻولي پنهنجي هئي. اهي قومون هيون ڪهڙيون؟ ملتان جي ايراضيءَ ۾ اسو ناليءَ هڪ جاتي هئي جنهن جو راجا هرڻاڪيشپ، ڀڳت پرهلاد جو پيءُ هو. آريه لوڪن جي اچڻ وقت اهو هرڻاڪيشپ ئي زنده هو. ان جو موت نرسنگهه ڀڳوان آندو. انهن اسرن جو آريه لوڪن سان اصل کان وني ويو هو. اسرن ۽ آريه لوڪن جي اڻبڻت هند کان ٻاهر ٿي شروع ٿيل هئي، جنهن ڪري آريه لوڪن هند ۾ اچڻ کان پوءِ به اسرن جي پٺيان ڀاڻي ڪنيو.

آريه لوڪن ۽ اسرن وچ ۾ هڪ تفاوت هو. آريه لوڪ قدرت جي سڀني شڪتين جي پوڄا ڪندا هئا جهڙوڪ سورج، چنڊ، ورڻ وغيره ۽ اسر لوڪ قدرت جي خراب شڪتين جهڙوڪ جنن، ڀوتن، وڻن ٽڻن جي پوڄا ڪندا هئا. ڪنهن حد تائين اسر لوڪ جڙوادي هئا ۽ آريه

آهي ته ”مڪران جي سرحدن وٽ **گڊروشيا** جا ميدان آهن جن کي اڄ گيڊروشيا چوندا هئا ۽ انهيءَ ايراضيءَ ۾ اهو نالو شايد آريه جاتيءَ جي هڪ جاتيءَ نالي **گرڙن** تان پيو آهي. چيو وڃي ٿو ته ڀارت ۾ **گرڙ** لوڪ ئي سوم ٻوٽي پهاڙن تان کڻي آيا هئا. رگويد ۾ سوم ٻوٽيءَ جو واپار ڪندڙ انهيءَ جاتيءَ کي ننديو ويو آهي جو هو ڌرمي جيون نه گذاريندا هئا ۽ سوم ٻوٽيءَ جي پوڄا نه ڪندا هئا. گرڙ کان سواءِ هڪ ٻي **سرپ** نالي آريه جاتي به ان ايراضي ۾ رهندي هئي .... **پڻي** لوڪ جي واپاري هوندا هئا، اهي به ٻروچائن جي ورڌ هئا ۽ انهيءَ ايراضيءَ جا رهواسي هئا .“

انهيءَ مان ظاهر آهي ته آريه لوڪن جي سوم ٻوٽيءَ جو واپار به سنڌي لوڪن جي هٿ ۾ هو. پڻي لوڪ جڳ پرسڌ لوڪ هئا. هو سنڌ کان وٺي ترڪيءَ تائين ڦهليل هئا ۽ واپار جون واڳون انهن جي هٿن ۾ هيون. اهي پڻي لوڪ به سنڌين جا ئي عزيز هئا. ”تحفه الڪرام“ جي ليکڪ مير علي شير قانع هڪ سنڌي قوم نالي **ور**تيم جو ذڪر ڪيو آهي ته ”اها گداگرن جي صورت ۾ ڦرندي هئي ۽ اُبتيون سُبتيون ڳالهيون ٻڌائيندي هئي.“ ان **ور**تيم قوم جو اتهاس به ڪو پراڻو پيو لڳي. سنسڪرت اکر **ورات** جو مطلب آهي

منگولائي قوم جي ماڻهن جا به آهن. ان مان ظاهر آهي ته منگولائي قوم جا ڪي فرد سنڌ ۾ رهندا هئا. اڳ ويد جي سلوڪن جوڙيندڙن ۾ جي اسر ۽ منگولائي لوڪن جو به هٿ هو ته پوءِ اڳ ويد جي ٻولي ۽ سنڌ جي پراچين ٻولي ۾ وچ ۾ به ڪافي ميل هوندو.

آريه لوڪن جون ڪي قومون سنڌ ۾ رهيون هيون. رگويدي آريه لوڪن جون پنج قومون هيون جن جا نالا هئا پرو، انو، درهيو، يادو ۽ ترسو. پوءِ ان قومن يعني يادو ۽ ترسو لاءِ چيو وڃي ٿو ته سنڌ ۾ اچي رهيون هيون. رگويد جي ٻارهين منڊل ۾ هڪ راجا سوديه ياويه جو ذڪر آهي جنهن لاءِ چاٽايل آهي ته هو ڪروي جاس جي آريه لوڪن مان هو ۽ سنڌ ۾ راڄ ڪندو هو. يجرويد ۾ وري شوي جاس جي آريه لوڪن جو ذڪر آهي جي شوپور ويجهو رهندا هئا. پراڻن جي لکڻ موجب "شوي آريه ٻهرين پنجاب ۾ رهندا هئا ۽ پوءِ اچي سنڌ ۾ رهيا." هڪ ليکڪ شري پارگوا پنهنجي هڪ ڪتاب "انڊيا ان دي ويدڪ ايج "India in the Vedic Age" ۾ لکيو آهي ته "ڪولسر نالي هڪ راجا سنڌ جي رڻ پٽ ۾ سمنڊ جي ويجهو "ڏنڊو" نالي هڪ راڪشس کي رشي اتڪا جي وينتي تي قتل ڪيو هو."

"رگويدڪ ڪلچر" جي ليکڪ **اي. داس** لکيو

هئي جا آزاديءَ ۾ جمهوريت جي اپاسڪ هئي. حقيقت
ته اها آهي جو سنڌ ۾ راڄائي سرشتو تمام ڏير سان
هستيءَ ۾ آيو ۽ ان کان اڳ ٽپي ٽپي لي جن تنتر قائم
هئا. سنڌ لوڪشاهي مت جو هڪ مضبوط اڏو هئي.
سڪندر جي وقت ۾ ٽي پورالي نديءَ جي اوڀر ۾
هڪ ٻي قوم خود مختيار رهندي هئي جنهن کي
**اربيتائي** يا **اريت** چوندا هئا. هڪ يوناني
اتهاسڪار اونيسڪر ونس موجب "الور (سکر ويجهو)
۾ **مسيڪائي** نالي هڪ جاتي رهندي هئي جا خود
مختيار هئي، غلاميءَ جي سرشتي کي ڌڪاريندي
هئي، گڏجي ڪم ڪندي هئي ۽ گڏجي ڦل پائيندي
هئي، شانتيءَ جي اپاسڪ هئي، لڙائيءَ کان ونءُ
ويندي هئي، آسودي ۽ خوشحال هئي" مسيڪائي
قوم ان ڪري جي سماجوادي اصولن جي ڇڪجي ته
غلط نه ٿيندو. آر. سي. **مجمدار** (انشنٽ انڊيا
Ancient India) جو چوڻ آهي ته "عيسوي صديءَ
کان چار سو ورهيه اڳ هڪ **سبرڪائي** قوم سنڌ ونديءَ
تائين ڦهليل هئي ۽ هوءَ سڪندر جي فوجن سان لڙي
هئي. ان قوم کي ست هزار پيادل، ڇهه هزار گهوڙيسوار
۽ پنجهه سو رٿ هئا." مشهور اتهاسڪار **ادريسيءَ**
هڪ قوم نالي **مندا** جو ذڪر ڪيو آهي جا الر ۾ الور
۽ اولهه ۾ مڪران ۽ اوڀر ۾ عمرڪوٽ تائين ڦهليل هئي.

سنگهه. چون ٿا ته وڏيرن هڪ راڄ ڀيٽي سنگهه هو؛ آزاديءَ جو ڪوڙيو هو. ان سنگهه، جو راڄڪار وهنوار لوڪشاهيءَ نگري هلندڙ هو. پورالي ليڪن ان قوم کي **اوريٽائي** Oreitai ڪري سڏيو آهي. الهن ليڪن جو چوڻ آهي ته اها قوم پورالي نديءَ جي اولهه ۾ رهندي هئي جا پورالي ندي ڪراچيءَ جي اولهه طرف سون مياڻي اپ سمنڊ ۾ ڇڙي ٿي. ان قوم سڪندر جي حملي وقت به پنهنجي آزادي قائم رکي." انهيءَ مان ظاهر آهي ته سومان پسند ورنهه قوم عيسوي سنه کان به اڳ هستيءَ ۾ هئي. پر اها قوم اڄان به پراچين ٿي اظر اچي. پاڻن رشيءَ (عيسوي سنه کان ڇهه سو ورهيه اڳ) موجب "ورانه معنيٰ ورانن ۾ رهندڙ" پاڻن کان اڳ رشي پڇنوالڪيه ٿي گذريو آهي. ان جو چوڻ هو ته "سوتر پنٿ لوڪ ٿي ورانيه لوڪ هئا." رشي پڇنوالڪ کان اڳوري منو هو جنهن به ورنيه لوڪن کي "سوتر پنٿ" ڄاڻايو آهي منوءَ ته اهو به چيو آهي ته "ورنيه لوڪ آريه لوڪن جي دائري کان ٻاهر هئا" ان جو ڪارڻ اهو هو جو آزادي پسند، لوڪشاهيءَ جا حامي، راڄائي سرشتي خلاف ٻنڊ وادي هئا. انهن جون اهي عجيب خصلتون منو علي شهر قانع کي انهيون سهڻيون پئي لڳيون!

اڻهن ڏا آهي ته سنڌ ۾ رڳو اها هڪ ٿي ورنيه قوم

جڏهن عيسوي سن کان گهڻو اڳ مشهور ايراني راجا **دارا**
جي وڏن جي خلاف بغاوت ڪئي هئي ڇاڪاڻ ته
ايران جو تخت ڪن ڏينهن ۾ سندن هٿ ۾ هو، اهي
**ميد** ان وقت ۾ هستيءَ ۾ هئا. جڏهن عيسوي سن
کان سوين ورهيه اڳ ڪئمبيسس راجا جي پٽ
سائرس سنڌ تي حملو ڪيو هو.

انهاسڪار **هيرين** جو رايو آهي ته "جن **ماگي**
لوڪن ايران جي راجائن خلاف بغاوت ڪئي هئي،
اهي، **ميد** قوم جي ئي هڪ شاخ هئا." **رالنسن**
انهن **ماگي** لوڪن کي **ساڪ** قوم جي ڌرم جو سڏيو
آهي. ايراني ۽ آريه قوم جو هڪ حصو هو. ان ڪري
رالنسن لکي ٿو ته "ايراني راجائن کي ٿڏي جو، ماگي
لوڪن ايران جي حڪومت تي قبضو ڪيو اهي ءَ مان ائين
سمجهڻ کپي ته هڪ آريه قوم ٻيءَ آريه قوم کي ٿڏي
ڇڏيو ۽ حقيقت اها آهي ته **ساڪ** قوم وارن ئي آريه
قوم وارن کي شڪست ڏني. سائرس جي تخت تي
خرد هڪ ماگي ويٺو. پوءِ **دارا** ئي ماگي لوڪن خلاف
باهه ٻاري ڏني. ۽ هو ڇڙو ڇڙ ٿي ويا. ان زماني ۾
آريه لوڪ هندوڪش کان ايراني نار ٽائين ڦهلجي
چڪا هئا. رالنسن جي راءِ موجب "انهن آريه لوڪن
پنهنجي هٿ هيٺ آيل لوڪن کي پنهنجي ڌرم ۾

مان لڏي سنڌو نديءَ جي اولهه ۾ وڃي وسيا هئا”.

ڇچنامي (فتح نامي) ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ڄاڻايو آهي ته ”ميد يا ميڻ سنڌ يا مڪران جي ڪناري جا قديم مهاڻا آهن.“

ٻي هڪ پراڻي قوم جو نالو هو جت. عام طرح سنڌيءَ ۾ اسين انهن کي ”جت“ چوندا آهيون جو اُٺ چارڻ هجي. جنهن معنيٰ اوٺي به آهي. پر ٽاڊ موجب ”اهي جت به يادو نسل مان هئا .... پنجاب جي جوڙ نڪريءَ کان وٺي مڪران جي ڪناري تائين اها جت جاتي ڦهليل هئي. بلوچستان جي نومڙي يا لومڙي جاتي به اهائي جت جاتي هئي. هيرو ڊوٽس جو چوڻ آهي ته جت جاتي آتما جي امر هئڻ ۾ وشواس رکندي هئي .... اها جت جاتي جرمنيءَ تائين به ويل هئي.“ چئو ته سنڌي جت عيسوي سنہ کان اٺ سو ورهيه اڳ واري عرصي کان وٺي پيا رهندا اچن!

سنڌ جا جاڙيجا به يادون جوئي اولاد آهن. ٽاڊ موجب ”جاڙيجا يادو قوم جي هڪ مکيه جاتي هئي جا سيوستان (سيوهڻ) وٽ سنڌو نديءَ جي ماٿريءَ ۾ وڃي رهي هئي ۽ سڪندر جي ڏينهن ۾ ٻه زور هئي .... جاڙيجا پاڻ کي شيام (ڪرشن) پٽر به سڏائيندا هئا ....“

انهن مڙني قومن سنڌ کي اڏيو، سنڌيءَ ٻوليءَ

آڱاٽ جي ڪوشش ڪئي ۽ زبردست قومن ٻوري وقت لاءِ آڻ ۾ پئي مڃي، پر پوءِ آريه لوڪن جي هر هڪ هيٺ ڪيل ايراضيءَ ۾ بغاوت جو ڊونهون دکي اٿيو." (هيرو ڊوٽس جو اتهاس، جلد پهرون صفحه ۵۵۴) ميد لوڪن ۾ انهن آريه لوڪن خلاف بغاوت ڪئي، انهيءَ مان ظاهر آهي ته ميد لوڪ نه صرف ان وقت ۾ سنڌ ۾ رهندا هئا، پر جيئن ته ميد خود **ساڪ** قوم جو هڪ حصو هئا ته پوءِ چئبو ته سنڌ ۾ جو ساڪ قوم وارن سان ڪو ڏورانهون ناتو هو. يا ساڪ ۽ سنڌي ڪنهن هڪ قوم جون شاخون هئا!

ڪرنل ٽاڊ پنهنجي "اينلس اينڊ انٽيڪس آف راجستان " Annals and antiques of Rajasthan ۾ ڄاڻايو آهي ته "الور (سنڌ) جي راجا سهل جي وارث باليڪا جي پوين سوراشٽر (گجرات) ۾ راڄ ڪيو هو ۽ انهن جي گادي هئي ٻالڀيپور. جيسلمير جي ڪن ڪتابن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته چندر وسي يادون ۽ **باليڪا** قومن مهاڀارت جي لڙائيءَ کان پوءِ وچ **خراسان** تي راڄ ڪيو هو." يوناني ليکڪن باليڪا ۽ يادون قوم کي **انڊو-ساڪ** قوم ڪري ليکيو آهي ان ڪري ٽاڊ ميد قوم وارن کي به چندر وسي يادون جي هڪ شاخ ٺهرايو آهي جي "ميديا جي اسو حڪمران خود ٿي ظاهر ڪيو هو ته" هو پنجال ايراضيءَ

مان ٿي لڏي ويا هئا.“ ڪرو مئگنن قوم پڻ واري يگ Stone Age ۾ هستي ۾ آئي هئي جو ڀڳ ڏهه هزار سال اڳ جو چيو وڃي ٿو.

چيو ٿو ته دنيا کي سڀيتا جو سورج ڏيکاريندڙ سنڌي قوم هو. ڪرو مئگنن، گرمالڊي ۽ ٻين ٻين پڻ لوڪن جي ريت رهڻي، کهڻي، چوٽي، ٻولي، چالي ڪهڙي هئي، انهن کان پوءِ سنڌ کي ڪهڙن ڪهڙن لوڪن پنهنجو وطن بڻايو، اصلي سنڌي ڪير هئا، انهن جي ٻولي ڪهڙي هئي، اهي ڳالهيون اڃان ڳجهارتون آهن.

**اوائل** ۾ هند ۾ ڪل ڇهه مکيه قومون ڪل ٿون نوليون ۾ ٿي آيون. ٻولي ۽ جي لحاظ کان انهن ڇهن قومن کي گهٽ ۾ گهٽ ڇهن مختلف گروهن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

پهرين پهرين قوم هئي نيگريٽو يا **نيگرائڊ** جا پنهنجي سڀيتا جي اوائلي ائوليٿ Eolith منزل (جنهن منزل ۾ نوڪدار پٿر اوزار ڪري ڪم آندا ويندا هئا) ۾ آفريڪا کان عربيا ۽ ايران جي ڪنارن وارن ملڪن مان آئي ۽ اولهه (پنجاب ۽ سنڌ) ۽ ڏکڻ هندوستان ۾ رهي پوءِ اتر هندوستان ڏانهن وڌي جتان ملايا ۽ انڊونيشيا ڏانهن هلي ويئي. ان قوم جا جيڪي شخص هند ۾ رهجي ويا، اهي پوءِ ٻي آيل قوم جي هٿان مارجي ويا يا ته جذب ٿي ويا. ان قوم جون

کي پنهنجا پنهنجا جدا اکر ڏنا ۽ سنڌي سڀيتا کي وڌيڪ سينگاريو. اوائلي سنڌي امن پسند ۽ لوڪشاهي جا اپاسڪ هئا، ايتري قدر جو صاف ٿي چڪو آهي ته ”عيسوي سن کان پنج سو ورهيه اڳ کان وٺي عيسوي سن کان چار سو ورهيه پوءِ تائين سنڌو ماٿري رعيتي راڄن جو ملڪ هو.“ ان وقت هندوستان جي ٻين حصن تي راجائون راڄ ڪندا هئا، عام ماڻهن کي پنهنجي حڪومت نه هئي. دکشڻ ڀارت جي هڪ راجا کي واپارين صاف چيو هو ته ”سنڌو راڄن جو راڄ ڪاروبار ماڻهو ٿي هلائيندا هئا.“

## ٦- سنڌي ۾ اوائلي قومون

سنڌي قوم جو اتهاس گهڻو جهونو ٿيو لڳي. ڏکڻ هندوستان جي اتهاسڪار رگهوناٿ پنڊا جو رايو آهي ته ”دنيا جي ٻهرين سڌريل قوم جنهن کي **ڪرو مئگنن** Cro-Magnon نالو ڏنو ويو آهي، اها **سنڌ** واري ۽ ايراضي ۾ ٿي پلي لڳي هئي. ان قوم کان پوءِ ٻيون نيل **گرمالڊي** Grimaldi ۽ **رين ڊيئر** Reindeer قومن جي انسان به سنڌ جي سر سبز زمين تي پرورش پاتي.“ پنڊا وڌيڪ لکي ٿو ته ”يورپ ۾ جيڪي ٻيا ڊيئر لوڪ وڃي ٽانگڪا تي ويٺا، اهي اتي سنڌ

پالينيشن آهن. هر هنڌ اهي لوڪ نيگرائيڊ ۽ ڪاڪيزائيڊ قومن سان گڏجي مسجي ويا. پراچين ڀارت جا نشاد ۽ ناگا قومون، موجوده ڀارت جا ڪول ۽ ڀيل آسٽرڪ لوڪن جو خاندان آهن. انهن سنٿالي، منڊاري، ڪروک گدابا، سوارا، کاسي ۽ مون- کمر اپ ڀاشائن جهڙيون ٻوليون ٿي ڳالهايون. اتر هندوستان ۾ اهي آريه قومن ۾ ملي ويا ۽ پنهنجو نالو ۽ ٻولي گم ڪري ڇڏيائون. هنن هندوستان کي سڀيتا جي ڏس ۾ ڪافي ڪجهه ڏنو، جهڙوڪ لڪڙيءَ ذريعي چانورن جي پوک جو طريقو ڪجهه ٻوٽن ۽ ڀاڄين جون پوکون، ٻڪرين کي پالڻ ۽ هاٿين کي پالڻ جو طريقو، ڪجهه جو اٽڻ ۽ فلسفي ۾ ٿيوش جي باري ۾ ۽ آتما جي پنر جنم جي باري ۾ ڪجهه ويچار.

ان کانپوءِ وارو آيو منگولائيڊ Mangoloid قوم جو اها پيلي رنگ، سوڙهين يا اڀريل اکين، ٿور ڪٽل هڏن وارن ڳلن، سڌي نڪ واري هئي. ان قوم کي آريه لوڪ ڪيرت لوڪن جي نالي سان سڏيندا هئا. انهن جي موجودگي ۾ موهن جي دڙي تائين ڏٺي وڃي ٿي جيتوڻيڪ اهي هند ۾ اوڀر مان برهمپترا ندي رستي ۽ اتر مان هماليه رستي داخل ٿيا هئا. اهي آسام، ڀوٽان ۽ نيپال ۾ وڃي ويا ۽ پوءِ اوڙيسا، مڌيه ڀارت ۽ سنڌ ڏانهن وڌي ويا.

جي هڪ شاخ هئا جن ۾ ڪئسپين ايراضيءَ ۾ رهندڙ سبرين Suberian ۽ هرائيٽس Harrities (جنکي هري Hurri به چيو ويو آهي) لوڪ به جذب ٿيل هئا. اهي ايشيا مائنر مان ٿي پنهنجي سڀيتا، پنهنجو ڌرم، پنهنجي ٻولي ۽ هيرو گليفي Hieroglaphic لپي (چٽر لپي) کڻي آيا. انهن اوائلي هندواسين عيسوي صديءَ کان اٽڪل ٻه هزار سال اڳ ويجهي اوڀر سان واپاري ناتا جوڙيا. اتر اولهه کان دراوڙي لوڪ مٿن ڪاهي آيا ۽ انهن شهرن ۽ سڀيتا کي ناس ڪري ڇڏيائون. اهي دراوڙي ان وقت به هند جي اتر ۾ هئا جنهن وقت آريه لوڪ گهمندا ڦرندا اچي هند ۾ داخل ٿيا هئا. هروزني جو وڌيڪ چوڻ آهي ته سنڌ جي ٻولي ۽ اوائلي سنڌو لپي ايشيا مائنر جي هيرو گليفي هٽائيٽ جي ٻوليءَ ۽ لپيءَ سان ڀيٽي سگهجي ٿي. اهڙا آثار سنڌ ۾ جي هٽائي (واٽڪي) لپيءَ، سنڌي ضميرن ۽ ڪيترن اکرن ۽ وياڪرڻ جي ڪن مکيه صورتن ۾ ٿي ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هٽائيٽ ٻولي هٽي Hatti ايراضيءَ جي رهواسين جي ٻولي هٽي جي گهڻو ڪري واپاري ذهنيت جا لوڪ هئا. ٿي سگهي ٿو ته سنڌي اکر هٽ (دوڪان) جو رشتو ان هٽي اکر سان به هجي.

پهاڙيءَ جو پرگهٽ ٿيا آريه لوڪ جن جي ٻاري ۾ ٿازي کوجنا ڪندڙ ڊبليو ٿنڊ اسٽين جو رايو آهي ته

منگولائي قوم کان پوءِ آئي **دراوڙي** قوم Dravids. اُهي ء وسهڻ لاءِ ڪافي سبب آهي ته اوائلي دراوڙي ايشيا مائنر مان ٿي هند ۾ آيا ۽ يورپ سمنڊ واري ء قوم جو هڪ حصو هو جنهن ۾ آرمينائڊ Armenoid قوم جو حصو به جذب ٿيل هو. انهن مڙني جي ٻولي هڪ هئي. هند ۾ گهڙيا، ان کان اڳ، اٽڪل ١٥ سو ورهيه عيسوي سنه کان اڳ، اهي ميسوپوٽيما، عراق ۽ ايران ۾ رهندا هئا. هيرو دوٽس جي اهاس ۾ ميسوپوٽيما کي نهرالڪ (نارالڪ؟) جو ملڪ سڏيو ويو آهي. اهي دراوڙي تمام سڌريل لوڪ هئا. هنن جي پهرين منزل سنڌ ۾ قائم ٿي. بلوچستان جا بروهي انهن دراوڙن جي ئي نسل مان آهن. لاڙ طرف جا ماڇي (ماڳر) ۽ جهبير ذات جا ماڻهو ۽ اوڏ به انهن دراوڙن جو اولاد چيا وڃن ٿا. موهن جي دڙي مان دراوڙن جا به ڪافي لاش هٿ آيا آهن.

چيڪوسلواڪيا جي مشهور پاشا وگياني ء بيڊرڪ هروزني، پنجاب ۽ سنڌ جي اڳ ڀندڙن کي پروٽو-انڊينس Proto- Indians (اوائلي هندواسي) ڪري سڏيو آهي. انسائيڪلو پيڊيا برٽانيڪا ۾ عراق جي هڪ پراچين قوم هٽائيٽ Hittite تي لکندي هروزني ء اهو به ڄاڻايو آهي ته اهي به اوائلي هندواسي ايشيا مائنر جي انڊو يورپي - گروه جي هٽائيٽ ٻولي ڳالهائيندڙ

اهي آريہ ٻهرين اول جبل جي ڏکڻ ۾ خشڪ ايراضين ۾ وهندا هئا، جتان پوءِ ڪجهہ اوڀر ڏانهن وڌيا ۽ ڪجهہ اولهہ ڏانهن ويا. آريہ لوڪن کي انڊو يورپي قوم جو هڪ حصو بہ سڏيو ويو آهي. هٽائيٽ قوم جو رشتو بہ ان انڊو يورپي قوم سان جوڙيو وڃي ٿو ۽ اسٽرٽيولٽ ۽ ٻين جي راءِ موجب تہ هٽائيٽ ٻولي انڊو يورپي گروهہ جي ٻوليءَ جي گروهہ کان گهڻو وقت اڳ الڳ ٿي چڪي هئي ۽ ان کان پوءِ ٿي ان انڊو يورپي ٻوليءَ اهو روپ ورتو جو روپ ويدڪ سنسڪرت ژيند (پراچين ايراني)، هومرڪ يوناني ۽ ٻين پراچين انڊو- يورپي ڀاشائن کي جنم ڏيندڙ هو. جيڪڏهن اسٽرٽيولٽ ۽ هروزنيءَ جهڙن جڳ پرسد ڀاشا وگيانين جي اها راءِ صحيح آهي تہ پوءِ سنڌي ٻولي ويدڪ سنسڪرت کان بہ وڌيڪ پراچين آهي. هٽائيٽ لوڪ جنهن منزل تي انڊو- يورپي گروهہ کان الڳ ٿي ويا، ان منزل کي انڊو- هٽائيٽ جو نالو ڏنو ويو آهي جا هڪ طرف اوائلي انڊو يورپي ٻوليءَ جو بنياد هئي ۽ ٻئي طرف پراچين هٽائين جو. ڪولمبيا يونيورسٽيءَ جو ڀاشا وگياني ڊاڪٽر ميرپوئي بہ ان راءِ جو آهي.

آريہ (انڊو ايراني) ٻنهي جو اوائلي گهرو چئي ٻهرين ارل ٻهاڙ جي ڏکڻ طرف ۽ پوءِ وچ ايشيا يا

سنڌ تي ڀرو ڀاڳيو پٽي رکيو. ٻيو وڻجارن جي اِي هڪ قوم آهي، جنهن جو ڪو مقرر ٺڪاڻو ڪونهي. ڪڏهن ڪٿي ۽ ڪڏهن ڪٿي؟ انهن وڻجارن کي عام طرح جپسي Gypsy ٿي چيو ويندو آهي. متان اهو نالو ايجپٽ (مصر) ديش تان پيو ٿو ڏسجي جيتوڻيڪ اٿين ته چيو پيو وڃي ته انهن جو وطن ڪنهن سمي هندوستان ٿي هو. هنن جي ٻوليءَ جا ڪيترا ئي اکر، ٻوليءَ جي نهوي بناوت ڪجهه. اُتر اولهه پارس، خاص ڪري سنڌي ۽ پنجاب جي ٻوليءَ جي اکرن جي نهوي بناوت سان ميل جول رکندي نظر ٿي اچي. ٻوليءَ جي هڪجهڙائي اها سڌ ٿي ڪري ته انهن وڻجارن جو ڪنهن سمي سنڌ سان گهاٽو سنبنڌ ٿي ڏنو. اهي شايد هزار ورهيه اڳ هند مان لڏي وڃي دنيا جي مختلف ايراضين ۾ وسيا آهن.

وڻجارن کي روس ۾ زگيني، سپين ۾ زنڪيلي، بلگيريا ۽ بالڪن پيٽن ۾ اٿزنگين، جرمنيءَ ۾ زنگينر، ترڪستان ۽ ايران ۾ زنگيري چيو ويندو آهي. اهي پاڻ ۾ ڪن هند پاڻ کي زنگيرو ته ڪن هنڌ زنڪيلي ته ڪن هنڌ وري سنتي سڏائيندا آهن. ڀاشا وگيانين انهن مختلف اکرن جو بنياد زند. هند. الد ني جاڻايو آهي. ڪي اهي اکر "سنڪر" شبد مان نڪتل ڄاڻائين ٿا. پر انهن مڙني اکرن مان سنتي اکر ڪجهه

ٻولي مروج آهي جا پاشا ۽ گيانين لاءِ هڪ مسئلو بڻجي
چڪي آهي. چيو وڃي ٿو ته جنهن ٻوليءَ مان
ٻروشسڪي پاشا نڪتي آهي، ان ٻوليءَ جي ايراضي
ڪنهن سمي ڪشمير، سرحدي پرڳڻو، پنجاب ۽
سنڌ ۾ هئي.

مٿين ڳالهين مان اهو پڌري پٽ پيو آهي ته انهن
پنجن ئي پاشائي گروهن جو اثر سنڌي ٻوليءَ تي پيو
آهي. شايد اهوئي سبب آهي جو سنڌي وياڪرڻ
جون ڪي اهڃاڻون خوبيون ۾ آهن جي ڪنهن ۾ ٻيءَ
اڪيلي پاشا ۾ نظر نٿيون اچن. ان ڪري جيڪڏهن
ڏڪي طور ۾ ڪري ائين چئجي ته سنڌي ٻولي دنيا
جي تمام پراچين ٻولين مان هڪ پراچين ٻولي ۽
هند جي ٻين مڙني ٻولين کان پراچين آهي ته ڪنهن
حد تائين اهو ڏڪو ۾ صحيح نڪري سگهي ٿو!

## ٧- سنڌي ۽ وڻجارا

اڄ ٻڌڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جون،
هلڻ هارا سپرين، رُئان ٿان رهن،
آءُ جهليندي ڪيترو، آيل سامونڊين،
پڳهه ڇوڙي جن، وڏا پيڙا پار ڏي،
(شاهه)

شاهه جن وڻجارن جو ذڪر ڪيو آهي، اهي سنڌ
جائي رهاڪو هئا. انهن چين ولايت وڃي واپار ڪري

آهي ۽ جڏهن ٻولين جي واسي واري حد لاءِ هميشه سچ ئي رهندي آهي. سنڌي "ٻينگستان" ۽ "ٻينگ ڪوٽان" ۾ تفاوت ٿورو آهي.

سنڌيءَ ۾ مذڪر "او" پڇاڙيءَ سان ۽ مونث "اي" پڇاڙيءَ سان ظاهر ڪبي ويندي آهي. مثال: ڇوڪرو، گهوڙو، ٻولو وغيره مذڪر روپ ۽ ڇوڪري، گهوڙي ٻولي وغيره مونث روپ آهن. جپسي ڀاشا ۾ ته اهڙو ئي نيم آهي. مثال: رڪلو معنيٰ ڇوڪرو ۽ رڪلي معنيٰ ڇوڪري. هنديءَ پنجابي خواه ٻين ٻولين ۾ اهڙو نيم ڪونهي. جپسيءَ ٻوليءَ ۾ "ڇاوو" اکر جو ارٿ به "ڇوڪرو" ئي آهي. سنسڪرت اکر "شاو" جو مطلب هو "جانور جو ٻچو" آچاريه هيمچندر جي راءِ موجب اهو "شاو" شبد پراڪرت ڀاشا ۾ ڦري ٿيو "ڇاو". جپسي "ڇاوو" ان "ڇاوو" اکر جو ئي هڪ روپ ٿو ڏسجي. جهوني گجراتي ڀاشا "ڇوڪرو" اکر جو ٻيو اکر هو "ڇيو" جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته ان جو بنياد به سنسڪرت "شاو" ئي هو. ان حالت ۾ جانور جو ٻچو ڦري انسان جو ٻار ٿيو هجي، ان ۾ عجب ئي ڪهڙو!

سنڌيءَ ۾ مذڪر واحد "اُ" پڇاڙيءَ سان ٺهندو آهي. مثال ڇوڪر، ٻگهڙ، ڪمل وغيره. جپسي ٻوليءَ

اهميت وارو آهي. پشاچي ٻولين (اتر اولهہ هند جي ٻولين) ۾ "د" "ت" ٿي ويندو آهي. "دامودر" شبد کي "تاموتر" چيو ويندو آهي. (ڏسو: ورج لعل شاستري ءِ جو ڏاتو سنگرہ). ان حالت ۾ سنڌي ٿري سنڌي ٿيو هجي ته ان ۾ عجب ٿي ڪهڙو؟ جيئن پاشا ۾ به "سنڌ" کي "سنت" ٿي سڏيو ويندو آهي. جيئن پاتري آہ سنگہ "سنتو" (H-Sintu) جي ٽالي سان ٿي سنڌو ءَ کي چيمي ساهتيہ ۾ پرسڌ ڪيو هو. (ڏسو: ٻسڪري آف انڊيا - ليکڪ جواهرلعل نهرو) ودوان ٿي جو سنئي ٽالو پيل آهي، سو ٿي سگهي ٿو ته "سنڌي" هجي ۽ مٿين اهو ٽالو "سنڌو ندي ءَ" جي وايو وهڻ ڪري پيو هجي.

ودوان (جيسي) پهنجي ٻولي ءَ ۾ يوت پريت کي کي "بينگہ" چوندا آهن ۽ ان ڪري هو نرڪ کي "بينگہ ڪو ٿان" يعني پوت جو آستان سڏيندا آهن. هڪ پاشا وگيائي جو چوڻ آهي ته "بينگہ" اکر ڪنهن به هندوستاني ٻولي ءَ ۾ ڪونهي ۽ جنهن ٻولي ءَ ۾ اهو اکر ان معنيٰ وارو ملي ويندو، ان ٻولي ءَ سان ٿي جيسي قوم جو سنڌ و تعلق سمجهيو ويندو. سنسڪرت ۾ هڪ اکر آهي "پيڪ" جنهن جو مطلب آهي ڏيڏر. پر اهو اکر "بينگہ" اکر سان ميل نٿو کائي. البت سنڌي اکر "پينگہ" معنيٰ سچ ان "بينگہ" اکر جي اور يڪ

ٻنهي ”ل“ پڇاڙي گڏي ڇڏون ”کمل، تيل“ وغيره.“ (سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ). اهو ”ل“ انگريزي جهڙي (رومائي) ٻوليءَ جي اکر ”ملڊ“ ۾ ۽ وڌل آهي.

”کندو هوس“ ۾ ”س“ پڇاڙي سنسڪرت ڌاتو ”اس“ مان ورتل آهي. ”اس“ ڌاتوءَ مان ٿي تعاون فعل ”اسمي“ معنيٰ ”آهيان“ نڪتل آهي. جهڙي ٻوليءَ ۾ ۽ اهو ڌاتو ”اَس ۽ ايس“ روپن ۾ ظاهر آهي. مثال جهڙي اکر ”ڪيراوس“ جو مطلب آهي ”کندو هوس.“

آچاريه هيمچندر سنه ١١١٢ع ۾ اڪيل ”پراڪرت وياڪرڻ“ ۾ ڄاڻايو آهي ته ”اپڀرنش ۾ ”ڪير“ شبد سنبنڌي روپ ۾ ڪم آيل آهي.“ جهڙي ٻوليءَ ۾ ۽ ان ”ڪير“ شبد اهڙوئي ڪم ڪيو آهي جو ”ايسڪرو، آڪيرو“ وغيره اکرن ۾ ظاهر آهي. مثال: ”دروسيس ڪيري رڪلي“ معنيٰ دروسيس ڪيڙي ڇوڪري - انهن اکرن ۾ ”ڪيري“ اکر ”ڇوڪري“ اکر سان سنبنڌي روپ ۾ آيل آهي. ”ڪير“ اکر ”ڪيرڻ ۽ ڪڻ“ ۾ ۽ بدلجي سگهي ٿو. سنڌي لاڙي ٻوليءَ ۾ اهو ”ڪڻ“ اکر ساڳيوئي سنبنڌي ڪم ٿو ڪري. ”ڪڻ“ جو مطلب آهي ”ڪي“. مثال ڪڻم معنيٰ مون کي، ڪڻيس، معنيٰ هن کي:

ڪير ٻانهڻ ڪن جي ڪير ڄاڻي ڪيڻاس (شاهه)

پڻ ڪجهه قدر ائين ٿي آهي. مثال پال، جنهن جي
معنيٰ آهي پيالو.

ويلش روماني ٻولي (ويلش جپسي جي ٻولي)
۾ ”ڪيدن“ اکر جو مطلب آهي ”مون ڪيو“ جو
گجراتي ”ڪيڌون“ جي نزديڪ آهي. پر جهوني
سنڌيءَ ۾ اهڙو روپ نه موجود هو. ڪاڪي ڀيرومل
مهرچند پنهنجي ”سنڌيءَ ٻوليءَ جي تاريخ“ ۾ ڄاڻايو
آهي ته سنسڪرت ۾ ”ڪر“ معنيٰ ڪرڻ؛ ”ڪرت“
معنيٰ ”ڪيو“ جنهن جو اچار آهي اول ڦري ٿيو
ڪدو؛ پوءِ ٿيو ”ڪيو“. ڪي اڳاڻا پراڪرت وارا
اسم مفعول هن وقت به سنڌيءَ ۾ آهن. مثال:-

ڪڪرا ڪربلا جا عليءَ تي اگهناس (شاهه)

”اگهنو“ اکر هاڻي چوندا آهيون ”اگهيو“ پر جي
پراڪرت جي بدران چئجي ته اپڀرنش مان ٿي ”ڪيدو“
اکر آيو آهي ته وڌيڪ صحيح آهي. ڇو ته ان
جو روپ اپڀرنش ۾ ”ڪيدءُ“ ٿي هو. اهڙا
”ءُ“ پڇاڙي ڦري ”وُ“ ٿي آهي. ”ئـ“ پڇاڙي
پراڪرت جي نه پر اپڀرنش ٻوليءَ جي ٿي خوبي چئي
ويندي آهي؛ اپڀرنش مان ٿي سنڌي نڪتل ڄاڻائي
وڃي ٿي.

”ڪيو، ٿيو؛ پيا اهڙا اسم مفعول جيڪڏهن ٻوري
طرح صفت ڪري ڪم آڻتا هوندا اٿئون ته انهن جي

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٻڪ | ٻڪ | راس | راس |
| اوُٺ | لوُٺ | زب | جيڀ |
| ڄيوُ | ڄيوُ (جنتو) | پنج | پنج |

جپسي "ليس" معنيٰ "وٽ، ڪٺ" لاڙي ٻوليءَ ۾ ٻ "ليس" اکر آهي جنهن جو مطلب آهي "حاضر، تيار." جپسي اکر "سٺ" اکر سنڌي سٺ (ٻٺ) جي برابر آهي. جپسي "شوبهس" معنيٰ سمجهه. جپسي "آونا" معنيٰ "آءُ، اچ" ۽ "ايش" معنيٰ "وڃ" اهڙيءَ طرح جپسي ٻوليءَ جا ڪيترائي اکر آهن جي سنڌي، پنجابي، ملتاني اکرن سان ميل کائين ٿا.

اهن ڳالهين مان اهو صاف ظاهر ٿيو ٿئي ته جپسي قوم ڪنهن وقت سنڌ جي بلڪل قريب ٿي رهندي هئي يا جي ائين چئجي ته هوءَ سنڌي وشال قوم جو هڪڙو ٽڪرو هئي ته غلط نه ٿيندو.

اهڙيءَ طرح اوائلي سنڌي پنهنجي زماني جي دور ۾ دنيا جي ڪيترن ئي قومن سان لهه وچڙ ۾ آيا. سنڌي هڪ واپاري قوم ٿي رهي آهي، ان ڪري واپار جي لحاظ کان هوءَ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهتي وئي آهي. سنڌ هڪ ڀريو ڀرپور ٽڪرو ٿي رهيو آهي. ان ڪري ڌارين ملڪن جڏهين به هند تي حملو ٿي ڪيو، تڏهن گهڻي ڀاڱي ڀريون نشانو هنن سنڌ کي ئي بڻايو. ڪي ڌاريا سنڌ ۾ رهي به پيا ۽ سنڌي قوم ۾ جذب ٿي ويا.

"آڳ، ڪاڳ" امرن ۾ "اَ" پڇاڙي ۽ "وڻاءِ، ڪٽاءِ" امرن ۾ "ءُ" پڇاڙي آيل آهي. "اَ" پڇاڙي هنديءَ ۾ "وُ" جي صورت ۾ ايندو آهي. اها "وُ" پڇاڙي اپڀرنش مان آيل آهي. مثال ڪڇجندو (ڏسو: هيمچندر). پراڪرت ۾ "اَ" ۽ ٻه "مُ" پڇاڙي هئي. مثال ڪرمُ، ڄاڻيمُ وغيره. ترڪيءَ ۽ ويلش جي جپسي ٻولين ۾ "و" پڇاڙي آهي. مثال "لاوُ، داوُ، ڪيراوُ" وغيره.

جپسي ٻوليءَ ۾ اسم فاعل ٺاهڻ لاءِ مکيه اکرن کي "اينگرو، گيٽيرو، ميسيڪو" اکر گڏ ٿا پوندا آهن. جهڙوڪ ٻڳ. اينگرو معنيٰ آڳ (باهه) وارو، مانگرو مينگرو معنيٰ ٻڪاري، چنگا گيٽيرو معنيٰ لڙائي ڪندڙ، ڪامرو ميسڪو معنيٰ ڪام (پريم) ڪندڙ يعني پريمي، عاشق، انگريزي ٻوليءَ جو مانگر Monger، جپسي مينگرو ۽ سنڌي منگتو يا منگتهار هڪ جهڙا شبد آهن. سنڌي ٽينگڙو معنيٰ ٽينگ (ٽپا) ڏيندڙ. ڪٿي ان اکر ۾ به "اينگرو" ته نه سمايل آهي؟

اکرن جي لحاظ کان ڏسبو ته ڏسڻ ۾ ايندو ته گهڻائي جپسي اکر سنڌي اکرن سان ميل کائين ٿا. جهڙوڪ:

| جپسي اکر | سنڌي اکر | جپسي اکر | سنڌي اکر |
|---|---|---|---|
| مانگ | مڱ (ڀيک) | چنگا | چنگ (لڙائي) |
| ڪام | ڪام (پريم) | ياڳ | آڳ (باهه) |
| چرر | چور | چري | ڇري |

# اسين سنڌي

اتهاسڪار ڊاڪٽر راڌا ڪمد مکرجيءَ جي راءِ موجب "هندوستانين لاءِ سنڌ جو ٻڌو خاص طرح پوتر ملڪ آهي ڇو ته اهو ملڪ ئي سنڌن ڌرم ۽ سڀيتا جو هندورو هو.... سنڌو ماٿر واري سڀيتا ئي دنيا جي پراچين سڀيتا چئجي ۽ ان سڀيتا جو مدار هئي انسان جي تمام قيمتي خوراڪ ڪڻڪ، جا پهريون پهريون ان ايراضيءَ ۾ ئي پوکي ويئي هئي.... سنڌ ئي هندو ڌرم کي جنم ڏنو، جنهن جو پهريون روپ هئي شو پوڄا. يوگ جو سرشتو به سنڌ ۾ ئي پيدا ٿيو." (ڏسو: دي فنڊامينٽل يونٽي آف انڊيا). سر جان مارشل جي راءِ موجب " واهڻ پوکڻ ۽ سٽ ڪتڻ جو رواج اول سنڌو ماٿريءَ ۾ هستيءَ ۾ آيو ۽ سنڌين وٽان ئي ٻين قومن اهو هنر هٿ ڪيو." ڊاڪٽر ماڪ پٽاوالا موجب "سنڌ واديءَ جي اپتي هماليه پهاڙ جي اپتيءَ کان به اڳ جي آهي." (ڏسو: لوئر انڊس وئلي).

سنڌ کي ڪيڏو نه مهتو ڏنو ويو آهي! پر ان جي اتهاس کي، ان جي پراچين سڀيتا کي، ان جي سٺي سلوڻي ٻوليءَ کي ڪير ڪا چڱي چوکي روشني وڌي ويئي آهي. اسين سنڌي ڪير آهيون؟ اسان جا ابا ڏاڏا ڪير هئا؟ انهن جو روپ رنگ، شڪل شبيهه،

پڻ رهيو. ڪرنل ٽاڊ راجستان جي ڪن ڀاڱن ۽ قومن ۽ ڦرن جي نالن جو بنياد ساڪ قوم جي ٻوليءَ کي ٺهرايو آهي. ٽرنر جي ”هسٽري آف دي اينگلو سئڪسن“ نالي ڪتاب ۾ ساڪ ٻوليءَ جا ڪيترائي اهڙا اکر ڏنا ويا آهن جي سنسڪرت جي ساڳين معنائن وارن اکرن سان ميل کائين ٿا. اتهاس جي هڪ دور ۾ اها ساڪ قوم يورپ جي ناروي ۽ جرمني ملڪن کان ولي سنڌ ۽ گجرات ڏانهن پڻ ڦري.

سنڌي قوم جون ڪي ريتون رسمون ۽ سنڌي ٻوليءَ جا ڪي اکر ٻين قومن جي ريتين رسمن ۽ انهن جي ٻولين جي اکرن سان اهڙي ته مشابهت رکن ٿا جو عجب لڳيو وڃي ته زماني جي ڪهڙي دور ۾ سنڌي قوم جو انهن واسطيدار قومن سان رشتو هو؟ اتهاس جي اڻپوري سڌ ڪري في الحال ان رشتي جو پورو اندازو لڳائي نٿو سگهجي. پر ان ڳالهه کان به انڪار ڪري نٿو سگهجي ته ڪنهن وقت سنڌي قوم جو رشتو ٻين قومن سان ضرور جڙيل هو جو ان رشتي جو اثر اڄ ڏينهن به قائم بيٺو نظر اچي.

مثال طور اڏيري لال کي جل ديوتا ڪري مڃيو ويندو آهي سندس سواري ”مڇي“ هوندي آهي. چيٽي چنڊ، جو هميشه سنڌي ڏڻهن ڪري ملهايو ويو وڃي، ان ڏڻهن تي اڏيري لال لاءِ ڀراڻا ڪيا ويندا آهن. ان

قد قامت ڪهڙو هو؟ اوائلي سنڌين جو دنيا جي ڪهڙين ڪهڙين قومن سان رشتو هو؟ دنيا ۾ انسان جنهن جنهن منزل مان لنگهيو آهي، انهن منزلن مان ڪهڙي ڪهڙي منزل انسان جي اوائلي سنڌين ڏٺي هئي؟ انهن سوالن جي جواب ڄاڻڻ سان سنڌي قوم جي پوري اتهاس جو پتو پئجي ويندو.

اها ڳالهه ته صاف ثابت ٿي چڪي آهي ته پٿر جي يُگ ۾ به سنڌ ۾ ماڻهو رهندا هئا. مجمدار جي راءِ موجب "جڏهن انسان غارن ۽ غفائن ۾ رهندو هو، تڏهن ان جا سنبنڌي سنڌ ۾ رهندا هئا." رگهو ناٿ پنڊا جي راءِ موجب "ڪروماگنن انسان (دنيا جي پهرين سڌريل انسان) سنڌ ۾ پرورش پاتي هئي ۽ يورپ ۾ جي رين ڊيئر انسان ويا هئا، اهي به سنڌ مان ئي ويا هئا." موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان هٿ آيل ڳالهين دنيا کي حيران ڪري ڇڏيو آهي. اوائلي سنڌي دنيا جي ڪيترين ئي قومن سان لهه وچڙ ۾ آيا. اهو اتهاسڪ طرح ثابت ٿي چڪو آهي ته اوائلي سنڌين، سميرين، اڪڙي ۽ بابلي لوڪن جو هڪ ٻئي سان گهرو رشتو هو. يوناني، ساڪ، ايرين، ڪشن، هڻ ۽ ٻيون جاتيون سنڌ ۾ آيون ۽ انهن مان ڪيتريون سنڌ ۾ رهي سنڌواسين ۾ جذب ٿي ويون. انهن ميلاپن جو سنڌي قوم ۽ ان جي ٻوليءَ تي وقت بوقت گهرو اثر پوندو

آهن. "ٽارون" اکر لاءِ ڀيرومل آڏواڻيءَ جي راءِ آهي
ته "اهو سنسڪرت جي ستارو اکر مان نڪتل آهي
جنهن جي معنيٰ آهي "ڀيڙڪوارو"؟ جو ديوتا جي صفت سمجهي
ويندي آهي. اڏيري لال لاءِ چيو وڃي ٿو ته هڪ
هڪ ظالم جي ظلم جو انت آڻڻ لاءِ پيدا ٿيو هو ۽ هو
هڪ ٻانڪو وير هو. راجستان ۾ آرتوار جي ڏينهن کي
ڪيٽي "ٽاور" چوندا آهن. ڪرنل ٽاڊ ان
"ٽاور" اکر جو بنياد سڪنڊينيا ديش جي هڪ
ديوتا "ٿور Thor" کي ٺهرايو آهي. اهو "ٿور"
ديوتا پراچين ساڪ قوم جو "جنگي ديوتا
War Divinity" سڏبو ويندو هو. اڏيري لال جا
ڪرتب ته "هڪ جنگي ديوتا" جي ڪرتبن جهڙا
هئا. ان ڪري "ٽارون" جو رشتو "ٿور" سان وڌيڪ
ٿو ڏسڻ ۾ اچي. ساڪ قوم جو سنڌي قوم سان گهرو
ناتو هو ۽ ان ڪري ٿي سگهي ٿو ته اهو "ٽارون" اکر
پڳن کان وٺي سنڌيءَ ۾ قائم رهجي! هونءَ به هر هڪ
هندو ڏينهن ڪنهن نه ڪنهن ديوتا جي نالي پٺيان
سڏجي ٿو، مثال طور سومر سوم ديوتا، منگل وار
منگل ديوتا، ٻڌ وار ٻڌ ديوتا، اهڙيءَ طرح "ٽارون"
جو ڏينهن به "ٿور" ديوتا جي نالي پٺيان ٿي
هجڻ گهرجي ۽ نه ڪ ان جو بنياد "ستارو" تي هجڻ
گهرجي. ان ڏس ۾ ماتا جي "اوراڻي" چوڻ

ديوتا جي نالي پٺيان هڪ ڳوٺ نالي "اڏيرو لال"
۾ ٻڌايل آهي. ڇهه هزار ورهيه اڳ سميري قوم کي ۾
هڪ جل ديوتا هو جنهن جي نالي پٺيان شهر اڏايل
هو. ان جل ديوتا جو نالو هو اردو. اڏيرو واڪر سنسڪرت
۾ "اڊو" چيو ويندو آهي. اوائلي سنسڪرت ۾ "ڊ"
جو اکر نه هو ۽ ان جي بدران "در" چئبو هو ان ڪري
"اڊو" اصل ۾ "ادرو" هوندو "اردو" ۽ "اُردو"
تقليب ٿيل آهي. "اڏيري لعل" کي "زنده پير" يا
"جندا پير" به چوندا آهن. ڪن "زنده پير" جي
معنيٰ "امر لعل" ڪئي آهي. (ڏسو: ڀيرومل آڏواڻي
جي سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ). پرمانند ميوارام جي
"سنڌي - انگريزي ڊڪشنريءَ" ۾ "جندا" جو
مطلب آهي "جل ديوتا جو نالو A title for the River God"
پر پراچين ايراني لوڪن ۾ به هڪ جل ديوتا هو جنهن
کي "زنده" (جندا) ٿي سڏيو ويو. ان ديوتا جي
نالي پٺيان اڄ به هڪ ندي آهي جنهن جو ذڪر ايران
جي مشهور شاعر "سعديءَ" پنهنجي "بوستان" ۾
ڪيو آهي:

بر آسود چون تشنه بر زنده رود
به منزلگه حاتم آمد فرود

اڏيري لال جو جنم شڪروار (جمعي) ڏينهن ٿيل
ڇنڇر وڃي ٿو ۽ ان ڏينهن کي "ٿارون" به چوندا

آهن. ”ٽارون“ اکر لاءِ ڀيرومل آڏواڻيءَ جي، راءِ آهي
ته ”اهو سنسڪرت جي ستارو اکر مان اڪتل آهي
جنهن جي معنيٰ آهي ”ڀڙڪوارو“ ۽ جوڌ ديوتا جي صفت سمجهي
ويندي آهي. اڏيري لال لاءِ چيو وڃي ٿو ته هڪ
هڪ ظالم جي ظلم جو انت آڻڻ لاءِ پيدا ٿيو هو ۽ هو
هڪ ٻالڪو ويرُ هو. راجستان ۾ آرٽوار جي ڏينهن کي
ڪٿي ڪٿي ”ٽاور“ چوندا آهن. ڪرنل ٽاڊ ان
”ٽاور“ اکر جو بنياد سڪئنڊي نيويا ديش جي هڪ
ديوتا ”ٿور Thor“ کي ڄاڻايو آهي. اهو ”ٿور“
ديوتا پراچين ساڪ قوم جو ”جنگي ديوتا
War Divinity“ سڏيو ويندو هو. اڏيري لال جا
ڪرتب به ”هڪ جنگي ديوتا“ جي ڪرتبن جهڙا
هئا. ان ڪري ”ٽارون“ جو رشتو ”ٿور“ سان وڌيڪ
ٺهڪندڙ ٿو ڏسڻ ۾ اچي. ساڪ قوم جو سنڌي قوم سان گهرو
ناتو هو ۽ ان ڪري ٿي سگهي ٿو ته اهو ”ٽارون“ اکر
ڪن ڪان وٺي سنڌيءَ ۾ قائم هجي! هونءَ به هر هڪ
هندو ڏينهن ڪنهن نه ڪنهن ديوتا جي نالي پٺيان
سڏجي ٿو، مثال طور سومار سوم ديوتا، منگلوار
منگل ديوتا، ٻڌوار ٻڌ ديوتا، اهڙيءَ طرح ”ٽارون“
جو ڏينهن به ”ٿور“ ديوتا جي نالي پٺيان ٿي
هلڻ گهرجي ۽ نه ڪ ان جو بنياد ”ستارو“ ٿيڻ
گهرجي. ان ڏس ۾ ماٺا جي ”اوراڻي“ چون

ديوتا جي نالي پٺيان هڪ ڳوٺ نالي "اڏيرو لال" به ٻڌايل آهي. ڇهه هزار ورهيه اڳ سميري قوم کي به هڪ جل ديوتا هو جنهن جي نالي پٺيان شهر اڏايل هو. ان جل ديوتا جو نالو هو اردو. اڏيرو واڪو سنسڪرت ۾ "اڏو" چيو ويندو آهي. اوائلي سنسڪرت ۾ "ڏ" جو اکر نه هو ۽ ان جي بدران "د ر" چئبو هو ان ڪري "اڏو" اصل ۾ "ادرو" هوندو "اردو" ۽ "ارڏو" تقليب ٿيل آهي. "اڏيري لعل" کي "زنده پير" يا "جندا پير" به چوندا آهن. ڪن "زنده پير" جي معنيٰ "امر لعل" ڪئي آهي. (ڏسو: ڀيرومل آڏواڻي جي سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ). پرمانند ميوارام جي "سنڌي - انگريزي ڊڪشنريءَ" ۾ "جندا" جو مطلب آهي "جل ديوتا جو نالو "A title for the River God" پر براهمڻ ايراني لوڪن ۾ به هڪ جل ديوتا هو جنهن کي "زنده" (جندا) ٿي سڏيو ويو. ان ديوتا جي نالي پٺيان اڄ به هڪ ندي آهي جنهن جو ذڪر ايران جي مشهور شاعر "سعديءَ" پنهنجي "بوستان" ۾ ڪيو آهي:

بر آسود چون تشنه بر زنده رود
به مرو لگه حاکم آمد فرود

اڏيري لال جو جنم شڪروار (جمعي) ڏينهن ٿيل چئو وڃي ٿو ۽ ان ڏينهن کي "ٿارون" به چوندا

جي معنيٰ آهي ناچ وقت وڄائڻ واري ڇهڙي. ناچ ڳائو ڪامديو جي استري ۾ به ڪم ويندو آهي. مٿين ڳالهين مان ظاهر آهي ته اڏيرو لال، سنڌ ۾ لاءِ مرڪ شاهه جي زماني کان به اڳ، گهڻو اڳ، قائم هو:

ڏارونءَ جو ذڪر لوڪ گيتن ۾ المت وڌيڪ آهي. نه صرف اوراڻي ۽ پنجڙن ۾ الهيءَ لفظ جو ذڪر ٿو اچي، پر لاڏن ۾ به اهڙو اڪر آيل آهي. جهڙوڪ هڪ لاڏي ۾ لاڏو جڏهن پنهنجي ڪنوار کان پڇي ٿو.

لاڏو پڇي "لاڏي ڄاڻين ڪهڙيءَ راس جو"

ته لاڏي جواب ڏني ٿي:

"آهه وڏاڻي گهر جي، ڄايس چند ڏارون راس"

لاڏيءَ جي ان جواب مان ظاهر آهي ته هوءَ نه فقط پنهنجو ڪل اهر ئي ڄاڻائي پر پنهنجو رشتو ڪنهن اهڙي ديوتا سان به ٿي ڏيکاري جو شڪتي شالي ديوتا آهي ۽ اهو آهي ڏارون عرف ڏور. جنهن جو ديوتا، بڇاءَ جو ديوتا. اوراڻن ۾ ماتا سيتلا کي پوڄيو ويندو آهي. پنجڙن ۾ امرلعل جي استتي ڪئي ويندي آهي. ماتا سيتلا ۽ اڏيرو لال. هڪ شڪتيءَ جي ديوي سمجهي ويندي آهي ۽ ٻيو ٻر پرش، جنهن جي جوان! سيتلا. جو ڏينهن به ڏارون آهي ته اڏيري لال جو ڏينهن به ساڳيو ئي ڏارون. ڏارون اکر اڄ ءِ طرح سنڌي ٻوليءَ ۾ تمام گهٽ ڪم ايندو آهي.

ھيٺيون سٽون به ڪافي روشني وجهي نٿيون سگهن:

اما ٽارون ۾ راس لائن ۽ جيجل، ڇوري واند ڪري
سوليون ساريون، رويا ٻارا شل سولو ٻار و ٻري

ڇٽ جي ٻهاڙيءَ جي ٽاريڻن ۾ ڪاميٽو جي ٻرجا ڪٽي ويندي آهي. ٻويشيم ٻراڻ موجب "ڪاميٽو جي جهنڊي تي مڇيءَ جي شڪل هوندي آهي "اڏيري لال جي سواري به مڇي تي هوندي آهي." لال سائين لاءِ درياهه ۾ اکو وڏو ويندو آهي جنهن جو مطلب هوندو آهي مڇين کي کاڌو ٻهچائڻ ٻهراڻا به ان مطلب لاءِ ٿي درياهه ۾ لوڙهه ڪيا ويندا آهن. "انهي جو هڪ ٻيڙو ٺاهي، ان ۾ سنڌر وجهي ۽ گل ڦل هڻي، ڇومکو ڏيو ٻاري، پاڻيءَ ۾ اڇليو ويندو آهي." لال سائين آسون ٻهچائيندو آهي ۽ ان ڪري هندواستريون ٻاسون ٻاسينديون آهن:

اورچ امرلعل کي ٽارون ڏيان ڏوي
ٻهراڻو ٻوڙ ۾ جو چنڊ چوڏس چڙهي

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي "سنڌي لغات" موجب "هندو عورتون حامله هئڻ جي حالت ۾ ٻهچين ستين ۾ ٽانءِ مهڙي ڪٽڪ يا جوار جو ڳوڙهو ٻهت ان گهمائي درياهه ۾ وجهنديون آهن. ان کي به ٻهراڻو چوندو آهي" ڏونڪن سان ڇيڇ مڻ جي اڇل جي ايهاڻي آهي. ڇيڇ جو ٻنيادي اگر آهي شڪ جنهن

## باب ٻيون

# سنڌيءَ جو ٻين ٻولين سان ناتو

هندي آريه قوم هڪ وشال قوم هئي. ان جو لاڳاپو پراچين يوروپي لوڪن ۽ پراچين جرمني لوڪن سان هو. ان ڪري آريه ٻولين جي گروه کي ڪن انڊو يوروپي گروه سڏيو آهي ته ڪن وري انڊو-جرمنڪ گروه ڪوٺيو آهي. اهو انهيءَ ڪري جو انگلينڊ، ڊينمارڪ، سئيڊن، ناروي ۽ آئيسلينڊ ۾ جيڪي آريه قومون وڃي رهيون، اهي قومون جرمنيءَ مان ويل ٿيون ڇڙيون. ايران، هندوستان ۽ مشرق جي ٻين ايراضين خواه ڏکڻ يورپ جي ايراضين ۾ جيڪي آريه قومون ڦهليون هيون، اهي ڪوه ڪاف ۽ ڪئسپين سمنڊ واريءَ ايراضيءَ مان ئي ڦهليون ٿيون ڏسجن. البت اهي ٻئي آريه قومون اوائل ۾ ڪنهن هڪ اجهي ۾ رهيون هونديون ۽ ان ڪري انهن جي ٻولي به هڪ ئي هوندي. ان ٻوليءَ جون پوءِ ڪيترين شاخون ٿي ويون ۽ جا شاخ جنهن دائري تائين محدود رهي، اها ان دائري جي نالي پٺيان سڏجڻ ۾ آئي.

اهڙيءَ طرح ٻيا ٻه ڪيترا ئي اکر سنڌي ٻوليءَ ۾ آهن جن کي جيڪڏهن پوريءَ طرح جاچي ڏسو، انهن جو بنياد ۽ انهن جي مٽي مائٽي ڳولهبي ته سنڌي قوم جي اتهاس جو به پتو پئجي سگهندو. اکرن جو بنياد قوم جي اتهاس لي گهڻي قدر روشني وجهي سگهي ٿو. ڪن جي راءِ موجب "آواز جي يڪسانيت لي اصول بست ڪرڻ ٺيڪ نه آهي." هڪ ٻه اکر هم آوازي ۽ هم معنائي ملي وڃن ته به لهو ٻر جي جهجهائي هم آوازي اکر ساڳي معنيٰ وٺندڙ هجن ۽ اها به سڌ هجي ته انهن اکرن جون ٻوليون هڪ ٻئي ڪتب مان پيدا ٿيل آهن ته پوءِ هڪ اهم لهي ٿو وڃي ته انهن ٻولين جا ڳالهائيندڙ ضرور هڪ ٻئي جا مٽ مائٽ هوندا.

جو. ان ڪري لوڪ گيتن ۾ اهمر پاٽيءَ کي به اهميت مليل هوندي آهي. جهڙوڪ:

اهمر پاٽي ايندي، وڏي ڏيهاڪ سان،
لاڳي ته وڻندي، خوشي خوراڪ سان

ڪن جو چوڻ آهي ته ”اهمر“ گهوٽ جي ”الڳ رکڻ“ تي هلندو آهي ۽ ڪيس هٿ ۾ تراز ڪٽڻي ٻڌندي آهي. لوڪ گيتن ۾ به اهڙو ئي ڪجهه ذڪر آهي جهڙوڪ:

اهمر هٿن ۾ ڪاتي ته ڪڏائي،
ڪير هن کي گهوٽ ٻر چڙائي.

هن وقت تراز ڪٽڻ جو رواج اٿئو ڪونهي. اڳين وقتن ۾ اهڙو رواج برابر هو پر ان حالت ۾ صرف ”اهمر تي گهوٽ جي بچاءَ لاءِ جوابدار يا گهوٽ جو الڳ رکڻ“ چئي اٿو سگهجي. انهن ته اڄ ڏائين ۾ اهو رواج قايم آهي ته ”ڏڪر“ کان پوءِ گهوٽ کي ڪاتي يا ڪپ ڏنو ويندو آهي ۽ اهو ساٿس وڏي پوري ٿيڻ کان پوءِ گهر اچڻ تي واپس ورتو ويندو آهي. ڪن حالتن ۾ ته اها ڪاتي گهوٽ شادي ڪري اچڻ کان پوءِ به ساڳيءَ رات جو پنهنجي وهاڻي هيٺان رکندو آهي. ڪن جو رايو آهي ته گهوٽ کي پنهنجي ڪنوار جي رکيا لاءِ ئي ڪاتي ڪٽڻي ٻڌندي آهي.

پر انهاسڪ حقيقتون ڪجهه ٻيو ئي ٻڌائين ٿيون، پاشا

# سنڌي ۽ جرمن

سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپايل ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي ”سنڌي لغات“ (سنڌي ڊڪشنري ۽) جي صفحه ٣١٥ تي هڪ اکر آهي ”اهنر.“ ان اکر جو اشتقاق اُهو هن طرح ڏنو ويو آهي:. سنسڪرت ان ۽ = ساڻ + وره = گهوٽ (٢) اهہ = ڏينهن + نر = مڙس = ڏينهن جو جوڙو. سڄي اکر جي معنيٰ آهي: گهوٽ ۽ ڪنوار جي سيج يا پکي جو پهريدار جو اڪثر پيٽوڙو هوندو آهي“ اهنر جو مهتو صرف شاديءَ جي ڏينهن هوندو آهي ان ڪري ان جي اشتقاق جو رشتو به شاديءَ جي ٿي ڪنهن اکر سان هئڻ گهرجي. مٿيان ٻئي اشتقاق ان ڪري ٺهڪن نه ٿا. گهوٽ سان گڏ شاديءَ جي ڏينهن ته گهڻائي شخص هوندا آهن ۽ انهن مڙني کي چاچي چيو ويندو آهي. ٻيو اشتقاق ”ڏينهن جو جوڙو“ ته عجيب ٻيو لڳي! اهنر گهوٽ ۽ ڪنوار جي پکي يا سيج جو پهريدار نه، پر گهوٽ جو پهريدار هوندو آهي. هو هميشه گهوٽ جي ويجهو ٿي هوندو آهي. هن جي زال کي اهنرياڻي چوندا آهن جنهنجو ڪم هوندو آهي ”ڪنوار جي سينگاري ڪرڻ ۽ ڪيس زيور پائڻ.“ اهنرياڻي جو به اهڙو مهتو هوندو آهي جهڙو اهنر

ڳھر ڏالھن وڃڻ، ماڻھن جو صرف ھڪ ٻيو نہ ھل
وڃارائي جاچين جي سواگت لاءِ اچي وڃڻ، جاچين
جو تيستائين اچي نہ وڃڻ جيستائين ماڻھو نہ چريا آھن،
ڪنوار ٻئن کي "ھيٺيون ٻڌ" سڏڻ، گھوٽ جا چرڻ
ڌوئڻ، ۽ جڏھين گھوٽ ڪنوار رٿي ڳھر اچي تڏھين
گھوٽيڻن جو خوشيءَ وچان

ڪٺي آيو ھير سان، ھو جمالو!

ڳائڻ وغيرہ وغيرہ شاديءَ جون رسمون، جي اڄ
بہ قائم آھن، اھي انھيءَ ٻراچين سمجي ظاھر ظھور جھلڪ
ڏيکاري رھيون آھن. سنڌي اکر **وھانءَ** جي ھوڻ نہ
اھائي معنيٰ اکرندي ٿي رھي جا ان جي اوائلي
روپ وھر، ايراني وز Waz جي ھئي.

جرمن اکر **جاگڊن** (ياڳڊن) جو ارٿ آھي
"شڪار ڪرڻ، Hunt" اھو اکر **جاڳي** اکر سان
آواز ۽ معنائي صورت ۾ ڪجھ ميل ٿو کائي ۽ ان
ڪري اھڙو اشارو ٿو ملي تہ شايد انھن ٻنھي اکرن جو
پاڻ ۾ ڪڏھن وقت ڪو رستو ھوندو ۽ انھن جو ٿي
سگھي ٿو تہ شروعاتي اکر ڪو ھڪ ئي ھجي جو تہ
سنڌي ٻولي ۽ - الھ و - جرمن ٻوليءَ جي گروہ سان
واسطو رکندڙ آھي. جاڳي اکر ڪان وڏ ٻڪ **اھڙ**
اکو جو رشتو جرمني ٻوليءَ ۾ ھٿ ڪري ٿو سگھجي.
ھڪ جرمن اکر آھي **اھڙ** Ehe. ان جي معنيٰ آھي

وگياني گڏهي جي راءِ موجب ”اتهاس جي اڳ واري
دور جي الٻ ۾ جرمن لوڪن ۾ شاديءَ جا ٻه طريقا
هئا. ڪنوار خريد ڪئي ويندي هئي يا طاقت جي
ٻل تي ڀڄائي ويندي هئي. ٻهرئين طريقي جو ذڪر
منو سمرتيءَ ۾ ڪيل آهي ( اڌياءُ ٻهريون ، ڀاڱو ٽيون
سلوڪ ٢٩). ڀاڄي گرهڻ يعني هٿيائي جو طريقو ٻوءِ
جو اختيار ڪيل طريقو آهي“. (ڪمپريٽو فللاجي ،
صفحو ١١٢) اوائلي سنسڪرت ۾ هڪ اکر
هو ”وڌُو“، ايراني ودُ Vadu ، پراچين روسي وود تي
Woditi ، ۽ انهن اکرن جو مطلب هو ”ڪنوار کي
ڪٽي وڃڻ“ پاڻن جي ڌاتُو سنگره موجب ”ڌ“
ڦري ”هه“ ٿئي ٿي. ان حالت ۾ ”وڌو“ ڦري
موجوده وهُو ٿيو آهي. سنسڪرت ۾ اڄ به ان وهُو اکر
جو مطلب آهي ”وهي ڪٽي اچڻ، پنهنجي قبضي ۾
رکڻ، شادي ڪرڻ.“ (دوارڪا پرساد شرما جي
”سنسڪرت شبد ارٿ، صفحو ٧٣٨). اهو وهُو اکر
سنڌي ٻوليءَ ۾ قائم آهي: جهڙوڪ

ٿو ور وهُون ڪتريون مون ور ٿولهين هيڪڙو (شاهه)

سنسڪرت جي وهُو ڪالسراهه ”وهه“ اکر جو به مطلب آهي
”ڀڄائي وڃڻ جو ڪم.“ ان وهه اکر مان ٿي سنڌي
وهانءُ معنيٰ شادي نڪتل لڳي ٿي. گهوٽ جو گهوڙيءَ
تي چڙهڻ، دهل دمامن سان ڄاڃين جو ڪنوار جي

ٿو رکي. اهو اکر آهي پاهڻ Pahtin جنهن جو ارٿ آهي "ڌرم جي ماءُ" God mother پاهڻ پائيندڙ استري يعني ڪنوار پڻ کي هٿ ڏيڻ سان ڪنوار جون ڌرم جون مائر ٿي ايڪي ٿيون سگهجن.

اهڙي ريت انگريزي، وهاڻي، پاهڻ اکرن کان سواءِ سنڌي وهاڻو اکر سان واسطو رکندڙ ٻيا به ڪي سنڌي اکر آهن جن جهڙا هم آوازي ۽ هم معنائي اکر جرمن ٻوليءَ ۾ پائي سگهجن ٿا. اهڙو هڪ اکر آهي مور. اهو اکر سنڌي لاڏن ۾ گهڻو ڪتب آندو ويندو آهي: جهڙوڪ

رکه صدليءَ تي پير، منهنجا مور لاڏا

ان مور اکر جو مطلب عام طرح "پيارو، وڻندڙ" ۽ ڪن حالتن ۾ "مور پکيءَ جهڙو" ڪيو ويندو آهي. اهو مور اکر صرف لاڏي جي صفت تي ڪم آندو آهي ۽ ڪڏهن به لاڏيءَ لاءِ ڪم نه آندو ويندو آهي. لاڏي اکر جو مطلب ٿي آهي "پيارو" جيئن ته ان جو ڌاتو "لاڏ" معنيٰ "پيار" صحيح اظهار لهو ٿو اچي، جو ته سنڌي ٻوليءَ کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن به هنديءَ ٻوليءَ ۾ "لاڏ" اکر مان "لاڏو" معنيٰ "ڏهوٽ يا ڪنوار جي ساهه جو گيت" ۽ ساڳيو ٿي اکر لاڏو معنيٰ "گهوٽ، پيارو، ٻار ٻچو" ڪونهي. البت هندي ٻوليءَ ۾ لاڏ جا اکر لاڏلي ۽ لاڏلا ضرور آهن ۽ انهن اکرن جو بنياد "لاڏ"

شادي marriage. ان اهم کي مٽي گڏي جرمن لوڪ چون
**اهم مان** معنيٰ گهوٽ. ٻيو اکر آهي **اهم**. **پهر** معنيٰ
شادي کيل جوڙو. **پهر** اکر سنڌيءَ ۾ ٻه ساڳي معنيٰ
ٿو رکي. سنڌيءَ ۾ **اير رنگ** چون ڪن جي والن
کي ۽ انهيءَ انگريزي اکر ٻه آهي Ear rings
(آڪسفورڊ ڊڪشنري) پر جرمن لوڪن وٽ **اير رنگ**
Ehe ring اکر جي معنيٰ آهي "شاديءَ جي منڊي". انگريزيءَ
جي ڳچ اکرن جو بنياد ٻه جرمن ٻوليءَ مان ئي هٿ
ڪيو ويو آهي ۽ ان ڪري ڪهڙي خبر ته Ear ring
اصل ۾ Ehe ring هجي ڇو ته انگريزن ۾ ڪن ۾ والا
پائڻ جو دستور ته آهيئي ڪونه؟ **اهنر** اکر ٻه ان
جرمن **اهم** اکر سان ڪافي رشتو رکي ٿو سگهي ڇو ته
اهنر آهيئي شاديءَ جي ڏيهن جو هڪ اهم ماڻهو
جرمن اکر اهرن مان Ehrenmann جو ٻه مطلب آهي
"عزت وارو شخص "man of honour ڪهڙي خبر
**اهرن** اکر مان ئي **اهنر** اکر ٺهيل هجي!

ڇوڪريءَ جي شاديءَ وقت سنڌين ۾ هڪ رسم
آهي "پاهت پائڻ" جي رسم ۽ جنهن موجب ڪنوارين
جون واقفڪار استريون ڪنوارين کي ڪڇه ته ڪڇه
ڏينديون آهن. پاهت پائيندڙ استريءَ کي چئبو
آهي "پاهتڻ" جرمن ٻوليءَ جو ٻه هڪ اکر اهڙي ئي
آواز ۽ معنيٰ وارو آهي جو شاديءَ جي رسم سان واسطو

سان ڪم آيل آهن ." مشهور گهرائي ڪريءَ ڏسجي
مهنا ان اکر جو ڇگوڻي ابهوگ ڪيو آهي . جهڙوڪ:

(۱) هندو لي هيمچتا ۾ ڙون **جملا** جاڏو واڌ ريي-
( هندو لا نايد )

(۲) ڪام ڪامگهيلي چالي وڌلي ، **جملان**
جهون جوڙي ري (شرانگار مالا)

هڪ ٻئي گهرائي ڪريءَ **اکي** Akho ته ان اکر
کي ان معنيٰ سان ڪم آندو آهي . جهڙوڪ:

**جملو** ڇي جو جو جگديش، تو ٻڙ چندو ني لي ايش
ڪوي نرمد شنڪر ٻنهنجي گهرائي ڪوش ،
(ڊڪشنري) ۾ اللي "نرم ڪوش" ۾ جملي جو ارٿ
"مڙ لوئي "in all altogether" ڄاڻايو آهي. ڊوڪٽر ان
جو ارٿ ڳڏ، ويجهو "United, standing near" ٻڌايو
آهي (هسٽري آف دي گهرائي لئنگئيوئيج جلد
ٻهرئون صفحو ۱۱۵) ٻر جرمني ٻوليءَ ۾ ته ان
اکر جي معنيٰ صاف ٻر ٻتمر ٿي ڏال آهي - جرمن
لوڪ ڇون gemahl جمال معنيٰ ٻر ٻتمر، مڙس husband
ان جي مونث روپ کي ڇون جمالن gemahlin consort
انهن اکرن کان سواءِ ٻيا ٻه ڪمترائي هم آوازي ۽
هم معنائي اکر جرمن ٻوليءَ ۾ ملن ٿا جهڙوڪ:-

| **سنڌي اکر** | **جرمن اکر** |
|---|---|
| امي ( ماءُ ) | امي amme : nurse |
| ڀورو ( هڪ رنگ ) | ڀيرو bhero : brown |

آئي ٿي سگهي ٿو. لاڊ اچار جهڙو جرمن اکر لاڊ Laud انگريزي ۾ Laud ۽ لاٽاني laudre معنيٰ آهي "ساراهڻ To Praise" جي لاڏ ۽ اکر "ساراهه جو گيت" معنيٰ ٿو رکي ۽ پوءِ ان جو بنياد جرمن لاڊ يا لاٽاني لاڊ ۾ ئي ليڪ جهڙو آهي: جرمني ٻوليءَ ۾ ۾ مور اکر Mor آهي ۽ ان جي معنيٰ آهي "Cupid ڪامديو چاهيندڙ" مور اکر پيار وارو اکر آهي ۽ گهٽو لاڳاپو شاديءَ سان رکندڙ آهي ۽ گهٽي پاڳي گهوٽ سان ٿي ڪم ايندڙ آهي. خود گهوٽ اکر جهڙو هم آوازي ۽ هم معنائي اکر ۾ جرمن ٻوليءَ ۾ ملي ٿو. سنسڪرت ۾ اهڙو ڪو ۾ اکر ڪونهي جو گهوٽ اکر سان رشتو رکندڙ هجي. جرمن ٻوليءَ ۾ هڪ اکر آهي گهٽوٽ Gauhte جنهن جي معنيٰ آهي مڙس husband ۽ ان جي مؤنث روپ کي چون گهٽوٽن Gauhtin

شاديءَ ۽ سيندي لاڏي سان واسطو رکندڙ هڪ ٻيو اکر ۾ آهي جنهن جهڙو هم آوازي اکر جرمن ٻوليءَ ۾ ٿي ملي ٿو. اهو آهي جهالو. ڪن جهالي اکر جو بنياد سنسڪرت يمل ڄاڻايو آهي جنهن جي معنيٰ آهي "ٻٽو ڄاڻو، Twin ڊوئيا جي راءِ موجب "جهولي گهراڻي ۽ ساهمت ۾ ان جمل اکر جا ڪي روپ جهڙوڪ جملو، جملا، جميل، جملي، ٻڙنهن جي معنيٰ

ھپڻ (ڀر يا واڪ) ھپن happen: mouthful

واه واه! (سٺو) واه vah: good

وڙھ (لڙائي) وير werra: fight

وھنجڻ (سنان ڪرڻ) ون wanne: to bathe

واھر (مدد، بچاءُ) وھر wehr: defence

ور (ورڪڙ، مونجھ) ور wier: confused

واھڻ (گھوٽ) ووھنگ wohnung: habitation

واھت (صلاح) واھت vaht: counsel

موري (ھڪ سبزي) موري more: carrot

موٽ (موڙھ ٿڪل ماندو) موٽ mude: weary

ڏينھڪ (ھڪ ڏينھن ۾) ٽھڪ tahk: by day

جرمن لوڪن ۾ ھڪ اکر اھڙو آھي جو سنڌ ۾ لاھ اھميت وارو آھي. اھو آھي huig lig ھڪ اگ. جرمن اکر ھگل hugel جو ارٿ آھي "ٽڪري" "a hill" سنڌ ۾ **ھنگلاج** جو تيرٿ مشھور آھي، شاھ ساھب، سچل ان تيرٿ جو ڪيترن ھنڌ ذڪر ڪيو آھي. ڀيرومل آڏواڻي پنھنجي "لطيفي سير" ۾ ڄاڻايو آھي ته ھنگلاج کي ھندو **ديوي** ماتا ۽ امبا ۽ ٻين نالن سان ۽ مسلمان **ناني** نالي سان سڏين ٿا. ناني اصل ۾ آھي ندي معنيٰ ماءُ."

نا لڳا **ناني** ۽ ھليا، **ھنگلا** ڄاڻ ھلي (شاھ)

" ھنگلاج جو تيرٿ اس ايراني طرف ھاڙھتي جبل

tusse : cup تس ‏ تس ، تسري ( ڪٽورو )
tor : goal تور ‏ توڙ ( منزل )
dahn : then دهن ‏ تڏهين ( توه )
mehl : time مهل ‏ مهل ( وقت )
sonde : probe سوند ‏ سونڊڻ ( جاچڻ )
flado : loose فلدو ‏ ڦلهڙو ( ڍلو )
dahin : to that place داهين ‏ ڏاهين ( طرف )
dahk : shelter دهڪ ‏ ڍڪ ( ڍڙدو )
rind : cattle رند ‏ رند ( چوپائي مال
گڏ ڪنڊڙ ( هڪ سڱڙي جاتي )
gewuhl : bustle گيوهل ‏ گيوڙ ( گوڙ )
gahse : street گهسي ‏ گهٽي ( رستو )
lew : warm ليؤ ‏ لوء ( گرم هوا )
lidan : to depart لدن ‏ لڏڻ ( وڃڻ )
owlah : shelter, hall اولهه ‏ اولو ( عالم پناه )
kele : throat ڪلي ‏ ڪلي ( گلو )
nahe : nearness نيهي ‏ نيهي ( ويجهو )
naern : food نيرن ‏ نيرڻ ( ناشتو ، کاڌو ) نيرن
nahr : fool ناهر ‏ ناهل ( بيوقوف )
he : I say هي ‏ هي ! ( اڙي ٻڌ ! )
hedah : hullo هيداه ‏ هيڏانهن ! ( اڙي ! )
huiglig : hill هگلگ ‏ هنگلاج ( ڏاڪرو ايراضي ) هگلگ

# ٢- سنڌي ۽ لئڏن

ڏوهه ڏنگايون ڏسي ڏسي - راڻل وڃو رسي رسي
اڏيون ڏورو وڃي ڳايان - ڏورو ناهي ٿورو ٿورو

اهي سٽون هڪ سنڌي لوڪ گيت جون آهن، جنهن جو نالو آهي **ڏورو**. اهڙي لوڪ گيت جون ٻيون به ڪجهه هن طرح سٽون آهن:

ماءُ ڏهون الم ڏٺو ڏٺو، رب ڏني ٻيٽ ملو
جيڏيون ڏورو وڃي ڳايان، ڏورو ناهي ٿورو ٿورو

اهي سٽون پڙهڻ ٿيون ته **ڏورو** هڪ خوشيءَ جو گيت آهي ۽ ان جي ڳائيندڙ اڪثر استريون ئي رهي. **ڏوري** ۾ هوءَ پنهنجي ڀاءُ ڀائرن ڀيڻن احوال ٿي ڏئي. **ڏوري** کي **ڏوڙو** به چون. اهو گيت کڇ ۽ ڪوهستان طرف گهڻو مروج ٿيو آهي. **ڏورو** اکر سنسڪرت ڀاشا ۾ آيو آهي. "ڏورو وڃي ڳايان" سٽن مان ظاهر آهي ته ان اکر جو ارٿ آهي "هڪ گيت." سنڌي ٻوليءَ کان سواءِ اهو اکر هڪ ٻيءَ ٻوليءَ ۾ به ساڳي معنيٰ لئه رکي. اها ٻولي آهي آلبو. پوري ٻي ٻوليءَ جي گروهه جي هڪ مکيه ٻولي لئڏن. اها ٻولي پوري ٻي ٻولين جي وچ ۾ اهڙي ئي هستي ٿي رکي، جهڙي سنسڪرت هندوستاني

جي ڀاڱي وٽ هڪ غار ۾ آهي. اندر ڀت ۾ سهيل ڪالي ديويءَ جي مورت آهي جنهن تي هنگلو (سندر) لڳل آهي." (لطيفي سير) سنسڪرت شبدارٿ موجب هنگلو جو ارٿ آهي سندر (صفحو ٩٧٧). هنگلاج جي ٻولهاڙ ۾ موجب هنگلاج تي نالو ان ڪري رکيو ويو آهي جو ديويءَ هنگلوءَ (سندر) جي لاج (لڄ) رکي هئي. ان حالت ۾ سڄو اڪر هنڌ ڳهر جي هنگلو- لاج جنهن مان هنگلاج جو نالو عجيب پيو لڳي. ان جبل جي ويجهو ئي هنگلور جي نالي سان هڪ ندي آهي جنهن کي هنگول به چوندا آهن. اها غارن جي اندران ئي اندران وات ڪري وهي ٿي. هاڻي جبل جي اوڀر پاسي به هڪ جبل آهي جنهن کي چون هنگول. هنگول کان ٻولي آهي هنگلاج: ان هنگلور نديءَ ۽ هنگول جبل جو سندر سان ڪو رشتو ٿو ڏسجي ۽ نه وري ڪو هندن لاءِ اهڙو ئي ٻولو آهن جهڙو هنگلاج. ان ڪري ئي سگهجي ٿو ته ان جڳهه کي ان نديءَ ۽ جبل جي نالي پٺيان ئي سندس موجوده نالو ڏنو ويو هجي. سنڌي هنگلاج ۽ جرمن هگل لگم ۾ هڪجهڙائي پيئي ڏسجي!

سنڌي مصدر جي پڇاڙي "ڻ" سان هوندي آهي ۽ جرمن مصدر جي به "ن" سان هوندي آهي.

ٻولين جي وچ ۾ لفظ مُورو Muro جو ارٿ آهي ” هڪ گيت a song “. سنڌي مورو ۽ لفظ Muro هم آوازي ۽ هم معنائي آهن ۽ ڏيکارين ٿا ته سنڌي لوڪ گيت ۾ اهو مورو ڪو اڄوڪو اضافو ڪونهي. پڳن کان وٺي اهو سنڌيءَ ۾ قائم پئي رهيو آهي جو ته لفظ ٻوليءَ سان واسطو رکندڙ قومون عيسوي صدي کان اڳ ئي سنڌي قوم سان لهه وچڙ ۾ هيون.

لفظ ٻوليءَ ۾ اهڙا ڪيترائي اکر آهن جي ته سنڌي اکرن سان هم آوازي ۽ هم معنائي صورت ۾ ميل ٿا رکن. هڪ ٻيو اکر آهي اوراڻو جو به هڪ سنڌي لوڪ گيت جو مکيه گيت آهي ۽ ماتا سيتلا جي استتيءَ ۾ ڳايو ويندو آهي. ”سنڌي لغات“ ۾ ان جو مطلب ڄاڻايو ويو آهي ”لولي“ ۽ اشتقاق ”سنسڪرت آو = مٺي + لل = ڪوڏائڻ.“ (صفحو ٢٩٢) لولي ۽ اوراڻي ۾ تفاوت آهي. لولي ٻار لاءِ ڳائي ويندي آهي ۽ اوراڻو هر عمر جي شخص لاءِ. لولي ماتا سيتلا جي استتيءَ ۾ نه ڳائبي آهي. اوراڻو اڪثر انهن ئي ڳائبو آهي جڏهن ڪو شخص ماتا جي بيماريءَ ۾ هوندو آهي. اوراڻي کي ماتا جي بيماريءَ کان سواءِ ڳائڻ لاءِ سنڌي استريون اڪثر منع ٿي ڪنديون آهن ۽ اهڙي منع لاءِ ڪيترائي سبب ڏنا ويندا آهن. اها ڳالهه رڳو سنڌي قوم تائين محدود

ٻولين جي وچ ۾ لفظ **مُورو** Muro جو ارٿ آهي "هڪ گيت a song". سنڌي مورو ۽ لفظ Muro هم آوازي ۽ هم معنائي آهن ۽ ڏيکارين ٿا ته سنڌي لوڪ گيت ۾ اهو مورو ڪو اڄوڪو اضافو ڪونهي. يُگن کان وٺي اهو سنڌيءَ ۾ قائم ٿي رهيو آهي ڇو ته لفظ ٻوليءَ سان واسطو رکندڙ قومون عيسوي صدي کان اڳ ۾ ئي سنڌي قوم سان لهه وچڙ ۾ هيون.

لفظ ٻوليءَ ۾ اهڙا ڪيترا ئي اکر آهن جي ته سنڌي اکرن سان هم آوازي ۽ هم معنائي صورت ۾ ميل ٿا رکن. هڪ ٻيو اکر آهي **اوراڻو** جو ته هڪ سنڌي لوڪ گيت جو مکيه گيت آهي ۽ ماتا سيتلا جي استتيءَ ۾ ڳايو ويندو آهي. "سنڌي لغات" ۾ ان جو مطلب ڄاڻايو ويو آهي "لولي" ۽ اشتقاق "سنسڪرت آو = مٺي + لل = ڪوڏائڻ." (صفحو ٢٩٢) لولي ۽ اوراڻي ۾ تفاوت آهي. لولي ٻار لاءِ ڳائي ويندي آهي ۽ اوراڻو هر عمر جي شخص لاءِ. لولي ماتا سيتلا جي استتيءَ ۾ نه ڳائبي آهي. اوراڻو اڪثر انهن ئي ڳائبو آهي جڏهن ڪو شخص ماتا جي بيماريءَ ۾ هوندو آهي. اوراڻي کي ماتا جي بيماريءَ کان سواءِ ڳائڻ لاءِ سنڌي استريون اڪثر منع ٿي ڪنديون آهن ۽ اهڙي منع لاءِ ڪيترائي سبب ڏنا ويندا آهن. اها ڳالهه رڳو سنڌي قوم تائين محدود

آهن )" ڪاڻرل جو اينول آف سوليزيشن، صفحو ١٩٠ - ١٩١ ) سينٽلاد ڀويءَ کي پڻ اوراٽو ڏسي وٽندو آهي.

هڪ ٻيو اکر آهي **اکو** جنهن جي معنيٰ آهي "درياهه ۾ وڏل جانور يا ڪڇو آن" (سنڌي لغات، صفحو ٢٢٩). ان جو اشتقاق ڄاڻايل آهي سنسڪرت اڪشمس = اڻ ڄڙهيل جانور. ان جا ڪيترا ئي اصطلاح ٻڌل آهن: جهڙوڪ: اڪا ٻڌڻ = حيوانن گهرڻ "اڪا آريءَ جام جا، پسڻ ۾ پيائين" (شاهه) ٢- اڪا وجهڻ = مثل عزازن جي ٿيڙن تي جيئن ۽ پکين لاءِ داڻا اڇلائڻ. ٣- اڪا هڻڻ = شاديءَ مهل ڳائي پڙڻ مهل ڪنوارين طرفان گهوٽ جي منهن ۾ چڱي سوڻ خاطر جانورن داڻا هڻڻ ٤- اکو ٿلو ڪرڻ = هندن جي هڪ رسم، الڪ ۽ نياز ڪرڻ ٥- اکو پاٽي ڪرڻ = هڪ سوڻ موجب ان ڪڻا پاڻي ۾ اڇلڻ، ڌرتيءَ تي پاٽيءَ جا چنڊا هڻڻ ٦- اکو پائڻ = اٽي جو ڏيوءَ جانورن داڻا پاڻيءَ ۾ وجهڻ. ان ڏس ۾ هڪ پنجڙو ڀاڄهو هن ريت آهي:

اکو پايان ٿي مان جنڊ ۾ ڀيرين ٿي

منهنجي ٻيڙي اڪثي وچ سير ٿي

انهن مسڙني اصطلاحن مان اهڙو اشارو ملي ٿو

اوکيءَ ۾ ٽون آسرو، اما ڏيندين ءَ سڏ ۾ سڏ
ڏک وارن جا ڏک ٿي لاهين، غم وارن سان گڏ
پهو ته اٿئي امان لنيڙو ٻار
تنهنجي مٿان رکجانءِ هلڪو ٻار

سيتلا ديوي پراچين يگ جي ديوي آهي. هروزايءَ موجب ”موهن جي دڙي واري شهر ۾ به هڪ ديويءَ جي پوڄا ٿيندي هئي جنهن جو نالو هو ش ـ ش. تا يا ش ـ ي. تا ۽ جا ساوڪ ۽ سمريءَ جي ديوي سمجهي ويندي هئي.“ (هسٽري آف انشنٽ ايسٽ، گريٽ انڊيا انڊيا) ان حالت ۾ اوراڻي جو ارٿ ”اولي“ ته ٻر ”ذڪر“ ٿيڻ گهرجي ڇو ته اوراڻي ۾ ديويءَ کي اوراڻو ڳائيندڙ پنهنجي ٻار جو، پنهنجي پاس جو ۽ ديويءَ جي. وڏائيءَ جو سمورو ذڪر ٿي ڪري. لئٽن ٻوليءَ ۾ به اهڙوني هڪ اکر آهي ”oro اورو“ جنهن جو مطلب آهي ”مان ذڪر ڪريان ٿو I say“ ان اورو اکر جو فعل آهي orere اورر معنيٰ اورڻ To say ”سنڌي اوراڻو ۽ لئٽن اورو ۽ اورر اکر هم آوازي ۽ هم معنائي آهن ۽ ان ڪري هڪ ٻئي سان ڪو ڏورانهون رشتو رکندڙ آهن. ائين ته يوناني لوڪن جي مولڪ ديوي ماتا جي پٽ جو نالو به هو اورانوس Ouranos. ڀاشا وگيانين جي راءِ موجب ”يوناني لوڪن جا جيڪي به ديو ۽ ديويون آهن، انهن مان ڪيترا هند يورپين قومن مان ورتا

اٺؤ eau ۾ جو ڪنهن وقت اٺو eao ۾ هو. اڪي جو
لاڳاپو پاڻ ۾ سان ٿي رهي ٿو. ان ڪري لئٽن **اڪئا** ۽
سنڌي اڪي جو هڪ ٻئي سان ميل اظر ٿو اچي.

هڪ ٻيو مثال اکر آهي **گهوڙو.** جان بيمس جي
راءِ موجب اهو غير آريائي اکر آهي. سنسڪرت ۾ ان
جو روپ ڏنو ويو آهي گهوٽڪ جنهن جو پراڪرت روپ
آهي گهوڏ ڙ. يوناني ٻوليءَ ۾ گهوڙي کي چون **الو
گوس** جنهن جو پراچين ارٿ هو "اهو جنهن کي ڳالهائڻ
يا سمجهڻ جي شڪتي نه هجي." گهوڙو ۽ الوگوس.
"ل" ڦري "ر" ٿيندي آهي. الوگوس روگوس ٿئي
سگهي ٿو. "س" حذف ٿيڻ سان روگو رهجي ٿو وڃي
جنهن کي الٽو ڪرڻ سان گورو ٿو ٿئي. ڇو وڃي ٿو
ته ان اکر جو رشتو وري هڪ لئٽن اکر **ڪرر** currere
سان هو جنهن جو مطلب آهي "ڊوڙڻ To run".
۽ راوڙي ناشائي گروه ۾ ٻڻ گهوڙي لاءِ اهڙوئي اکر
آهي مثال طور تامل ٻوليءَ ۾ گهوڙي کي چون ڪدريئي
۽ ڪناڙي ٻوليءَ ۾ ڪدري. اهي اکر لئٽن ڪرر
سان ڪافي ميل پيا کائين. اهڙيءَ طرح پيا ۾ ڪيترائي
سنڌي ۽ لئٽن اکر هم آوازي ۽ هم معنائي آهن. مورو،
اوراڻو، اکو اکر پارٽي ٻولين مان صرف ٻوليءَ ۾ ٿي
آهن ۽ ڪافي هستيءَ وارا آهن. جيڪڏهن انهن جو
رشتو سنسڪرت جي ڪنهن ۾ شاخ سان هجي ها ته

ته اکي جو رشتو پاڻيءَ سان گهڻو آهي. جانورن ۽ ڍورن پڻ پاڻيءَ حوالي ڪيو ويندو آهي. اوائلي آرين لوڪن ۾ جانورن کان وڌيڪ جوڻ جو ملهه هو. ڍڳين ۾ جوڙ ئي وڏا ويندا آهن. ان ڪري **اکي** جو اشتقاق "اڪشت = اڻ چڙهيل جانور" ٺيڪ نه ٿو لڳي. ان اشتقاق موجب **اکي** جو اپڀرنش واري منزل جو اکر هجڻ گهرجي اکو ۽ پراڪرت جو اکو. "ڪش" ڦري "ک" ٿيندي آهي ۽ ان ڪري سنسڪرت بنياد هجڻ گهرجي **اڪش** ۽ نه ڪ **اڪشت**. ٻولي جي نيمن موجب "ت" اکر ورلي حذف ٿي ويندو آهي: جهڙوڪ سنسڪرت گهاس، پراڪرت ۾ ٿيو گهائو ۽ سنڌي ۾ ٿيو گهاءُ (ڏسو جان بيمس جو ڪمپيريٽو گرامر آف ماڊرن آرين لئنگئيجز آف انڊيا). ان حالت ۾ "ت" حذف نه ٿيل آهي. ڪيلاگ جي راءِ موجب ڏندن وارو اکر dental ٽاروءَ واري اکر cerebral ۾ ڦري ويندو آهي جهڙوڪ سنسڪرت ٽاڪ ڦري ٿيو آهي ٽڪو (ڏسو: گرامر آف دي هندي لئنگئيج.) ان ڪري **اکي** جو بنياد ڪو ٻيو ٿي هجڻ گهرجي. لئٽن ۾ هڪ اکر آهي **اڪئا** acqua جنهن جو مطلب آهي پاڻي. ان جو پورچوگيز ۽ اسپيني روپ آهي اگئا Agua ۽ فرانسي روپ آهي

| | | |
|---|---|---|
| indu: in | اندو | اندر (۾) |
| triccare: coguetry | ٽرڪري | ٽرڪ تال (اکرو) |
| teran: to tear | ٽيرن | ٽوڙڻ (الڳ ڪرڻ) |
| tiro: beginner | ٽيرو | ٽيرو (رواجي ماڻهو) |
| tor: hill | ٽور | ٽوڙهو (ٽڪري) |
| fortoe: to pierce | فارر | ڦاڙڻ (ڏارڻ) |
| jacio: put forth | جڪيو | ڇڄڻ (نهڪڻ) |
| jutum: joint | جٽم | جٽ (مليل) |
| gerere: to give birth | جرر | ڄڻڻ (جنم ڏيڻ) |
| dignus: worthy | ڊگنس | ڊنگو (وڏو ماڻهو) |
| debilis: weak | ڊبلس | ڏبرو (ڪمزور) |
| dolere: to grieve | ڊولر | ڏولائو (ڏک) |
| rado: scratch | رڊو | رهنڊو (تيز ڇهنڊڙي) |
| ri: move | ري | رڙهڻ (چرڻ) |
| rudis: unpolished | روڊس | روڙو (خراب) |
| Laura: passage | لورا | لوڙا (لڪ، رستو) |
| latro: robber | لٽرو | لٽيرو (ڌاڙيل) |
| limus: mud | لمس | لٻ (مٽي، گپ) |
| gravo: make heavy | گرو | ڳرو (ڀاري) |
| sagio: wise | سگيو | ساڳيو (سياڻو) |
| se: apart | سي | سواء (الڳ) |
| senus: bosom | سينس | سينو (ڇاتي) |

ٻين ٻولين ۾ به انهن جي جهلڪ نظر اچي ها. اهڙيءَ طرح ٻيا به ڪيترائي سنڌي ۽ لاٽين اکر هم آوازي ۽ هم معنائي آهن. جهڙوڪ:

| سنڌي اکر | | لاٽين اکر | |
|---|---|---|---|
| وڻڻ | (چاهڻ) | ون | wan : to love |
| ويل | (خراب) | ولس | vilis : bad |
| وريل | (مڙيل) | ورس | varus: crooked |
| واڳهڙي | (رولو قوم) | وڳهري | vagari : to wander |
| ڪاڪل | (وار) | ڪپلو | capillo : hair |
| ڪوڪو، ڪوڪي | (ٻڪلمائي) | ڪوڪو | cocquo: bread |
| سٽڻ | (هڪ ٻئي مٿان رکڻ) | اسٽرر | struere : to pile up |
| سس ٻس | (ٻڙ ٻڙ) | سسرس | susurrus: whisper |
| ۽ | (ٻڻ) | ائن | ain : and |
| مسخري | (چرچو) | مسڪري | muccare: to blow nose |
| مٽڻ | (بدلائڻ) | مٽر | mutare : change |
| مهراڻ | (ساگر) | ميٽر | mare : sea |
| اوشڪو | (اڪ رستي ڇوسڪرڻ) | نوسڪو | nosco : nose |
| نهڪر | (انڪار) | نگر | negare : refusal |
| اڪڙي | (تيزي) | اڪر | acer : sharpness |
| واڪو | (رڙ) | ووڪو | voco : cry |
| پير | (وڏو) | پيرا | pira : big |
| اڏو | (جڳهه) | اوڊس | oedes : a house |
| ائي | (ٻڌي نوڙڻ) | اوڊي | odi: I hate |

گوسائين ( هڪ ذات گوئس goes : sorcerer
جا ڏوڙن ڦيٽڻ ۾ وشواس ٿي رکي )

ننڍو (وڏي جو ضد ) ننوس nanos : dwarf

ڏيکارڻ(تماشو فرمائڻ) ڊيڪنين deiknynan : to show

سٽون (ڪڻڪ مان ٺهيل سٽوس sitos : food
ڪاڌي جو قسم)

آکهم اکر لاءِ چيو وڃي ٿو ته ان جو رشتو يوناني اوڪي **ڪاس** سان آهي جنهن جي معنيٰ ۽ ساڳي آهي جيتوڻيڪ سنسڪرت ۾ هڪ اکر اوڪس جي ۽ معنيٰ آهي گهر، مڪان، اجهو. ( سنسڪرت شبد ارٿ ۽ سنڌي لغات )

## ۴- سنڌي ۽ ٻيون ٻوليون

اهڙيءَ طرح سنڌي اکرن جي ٻين ٻولين جي اکرن سان ڪا مٽي مائٽي ٿي ڏسجي. جهڙوڪ:

**فرانسي** ٻوليءَ جو ٻوچ bouch سنڌي ٻوٿ، واتُ، گيسر gesir سنڌي گيسر (گس گساءَ) گهر، gebber سنڌي گهٻرو (ڇرڇو)، پوپي poupee سنڌي پوپي پوپان (گڏي) وغيره.

**آئيس لئنڊ** جي ٻوليءَ جي گيپ geipa سنڌي گپ (گشو)، گيگ geiga سنڌي ڳيگ (ڀوائتو)، اگر

| | | |
|---|---|---|
| sicous : dry | سڪس | سڪل ( خشڪ ) |
| gaudere : to rejoice | گدر | گد گد ( خوش ) |
| pantex : belly | پنٽيڪس | پيٽ ( ٻڍ ) |

## ٣- سنڌي ۽ يوناني (گريڪ)

لئٽن ٻوليءَ کان پوءِ ٻيو اهم يورپي جهوني ٻولي آهي گريڪ يعني يوناني۔ ان ٻوليءَ جا به ڪجهه اکر سنڌي ٻوليءَ جي لڳ ڀڳ ساڳئي معنيٰ وارن اکرن سان ميل کائين ٿا۔ يوناني راجا سڪندر جي سنڌ ۾ موٽڻ کان پوءِ سندس يوناني فوج سنڌ ۽ پنجاب جي اراضين ۾ رهندڙ لوڪن ۾ ئي جذب ٿي ويئي ۔

| يوناني اکر | | سنڌي اکر |
|---|---|---|
| cheia : hole | ڇيئا | ڇيد ( سوراخ ) |
| Chora : a place | چور | چوڙ ( جڳهہ، هڪ شهر ) |
| melas : black | ميلس | ميرو، ميلو ( گندو ) |
| methyo: to intoxi cate | ميٿيو | ميٿو ( شراب جو قسم ) |
| oon : egg | اون | آنو ( بيضو ) |
| pyr : fire | پير | ٻهرڻ ( ٻرڻ ) |
| kanne : grass | ڪاني | ڪانو (ڪڙب جو ڪرو) |
| pessein : to digest | پسين | پسڻ ( پيهڻ ) |
| geran: old man | گيرن | ڳورو (وڏي عمر وارو) |

## باب ٽيون

# سنڌي ٻوليءَ جون منزلون

"سنڌي ٻولي وراچڊ اپڀرنش مان نڪتل آهي. وراچڊ اپڀرنش پراڪرت جي ڌيءَ آهي. پراڪرت جي ماءُ آهي سنسڪرت اهڙيءَ شجري موجب سنڌي ٻوليءَ جي سنسڪرت ڏاڏاڻي ٿي." اهڙيءَ مان اهو ٿو ظاهر ٿئي ته جنهن وقت سنسڪرت وجود ۾ آئي ان وقت سنڌي ٻولي پنهنجيءَ ڪنهن به صورت ۾ هستيءَ ۾ نه هئي. انهي دليل جي پٺڀرائي ڪندي ڪاڪي ڀيرومل مهرچند پنهنجي "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" ۾ سنڌي ٻوليءَ جي جنم جو وقت سومرن جي صاحبيءَ وقت، يعني عيسوي سن ٻارهين سو، ڄاڻايو آهي.

پر تازين کوجنائون ان قسم جي دليل جي ورق ٿيون وڃن. ان ڪري وقت آيو آهي جڏهين سنڌي ٻوليءَ جي جنم، وڪاس ۽ واڌاري جي باري ۾ نين کوجنائن جي پيڙه تي نئين ڪا عمارت جوڙي وڃي. سنسڪرت مهرشي پاڻنيءَ جي وقت ۾ هستيءَ ۾ آئي يعني عيسوي سن کان پنج ڇهه سو ورهيه اڳ. ان سمي کان اڳ سنڌ ۾ ڪي انسان رهندڙ ئي ڪونه هئا اهو چوڻ ٿيندو اتهاس کي غلط ٺهرائڻ. موهن جي دڙي

uggr سنڌي اگرو معنيٰ (خراب)، ٻرون brun سنڌي ٻرون ( اکين جا وار )، ٽتر tittr سنڌي ٽتر ( هڪ پکي ) وغيره .

اطالوي اکر سپگو spago سنڌي سڳو ( ڌوري )، پورٽوگالي اکر دودو، dodo سنڌي دودو انگلو سئڪسن اکر گٻر gebur سنڌي گٻر ( سگهڙ ماڻهو). انهن ٻولين جا ٻيا به ڪافي اکر سنڌي ٻوليءَ ۾ آهن، پر اهي ظاهر ظهور آهن.

اسين ”**ساهه**“ اکر سنسڪرت ”ساس“ مان اڪثر چوندا آهيون پر يهودين ۽ عربن جي ٻولين ۾ ۾ به هڪ اکر آهي ”ساهه“ ۽ ان جي معنيٰ آهي ”ٻل، گهڙي.“ ٻيو اکر آهي **راڪاس**. لفظ abraxas ابراڪسس = انسان ۽ جانور جي گڏيل صورت. هيبرو ٻوليءَ جو ha - b - rakah هب راڪاهه = ٻور نما وارو ديوتا، سنڌي راڪاس ۽ هيبرو راڪاهه وچ ۾ ڪيڏو نه ميل پيو لڳي! جيئن ته راڪاس جو اوائلي ارٿ ڪجهه ٻيو هو ۽ ان جو پوءِ اهڙيءَ طرح اينو ارٿ رکيو ويو آهي جهڙيءَ طرح ”اسر“ اکر جو، پاڻن جي وقت ۾ بلوچستان جي هڪ مکيه قوم به **راڪشس** جي نالي سان سڏبي هئي. ترڪي ٻوليءَ جو اکر **سيو** sev = پيار ڪرڻ سنڌيءَ ۾ چگوئي ڪم آيل آهي. جهڙوڪ.

سي ٻوڇارا ٻر ٿيا، سمنڊ، **سيويو** جن،
آنداٿون عميق مان جوڙي جواهرن (شاهه)

سهارو ورتو.

(۲) اهي ٻوليون، جن کي پراڪرت سڏبو ٿو وڃي اهي پنهنجي پنهنجي لموني ۾ وڪاس جي پوري تي هلنديون رهيون.

(۳) انهن پراڪرت ٻولين جي وڪاس سان گڏو گڏ هڪ اپ ڀاشا جو به وڪاس ٿيندو رهيو، جنهن کي وياڪرڻ جي بندشن ۾ بند ڪري، سنواري ۽ سڌاري "سنسڪرت" جو نالو ڏنو ويو. اها سنسڪرت اڄ تائين ساڳئي روپ ۾ قائم آهي جيتوڻيڪ ان ۾ به پوءِ ڪيترا اهڙا اکر جذب ڪيا ويا جي غير آريائي اکر آهن.

(۴) پراڪرت ٻولين جو وڪاس هلندو ئي رهيو. هر هڪ ايراضيءَ کي پنهنجي پنهنجي پراڪرت ٻولي هئي جا اپڀرنش جي منزل تي پهچندي پهچندي پنهنجي لموني ۾ وڌندي رهي. اپڀرنش جي منزل ڪجهه سمي لاءِ رهي ۽ ان مان پوءِ جيڪي ٻوليون نڪتيون، انهن کي موجوده نالا ڏنا ويا.

اهڙيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ جو جنم ٿيو.

پر حقيقت ۾ سنڌي پراڪرت ته ايامن کان وٺي پئي هلندي آئي. ان سنڌي پراڪرت کان به پاڻ اهڙو ئي واقف هوندو، جهڙو هو سنڌو لوڪن جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ کان هو. ان ڪري ڪهڙي حد ته

جي سڀيتا عيسوي سن کان ٽي هزار ورهيه اڳ جي سڀيتا هئي. اهي سڀيتا جا اڏيندڙ به ته ڪي شخص ٿي هوندا؟ انهن کي به ته ڪا ٻولي هوندي؟ اهي شخص سنڌ جي سر زمين تي رهندڙ هئا. انهن کي "سينڌو" سڏيو ٿي ويو ته ڇا انهن جي ٻوليءَ جو نالو سنڌي نه هوندو؟

سنڌي نه سنسڪرت کان به پراچين ٻولي آهي پاڻن کي انهيءَ ٻوليءَ جو پتو هو جا هن جي رهڻ ۽ ارد گرد واري ايراضيءَ ۾ مروج هئي. انهيءَ ٻوليءَ کي "شڌ ڪري" ٿي پاڻن ان کي سنسڪرت جو نالو ڏنو. پاڻن جو وطن "سپت سنڌو" ايراضيءَ اندر هو جو آريه لوڪن جي ان وقت جي مکيه بيٺڪ يعني گنگا جمنا واريءَ ايراضيءَ کان گهڻو پري هو. وي. ايس اگروال جي راءِ موجب "پاڻن کي سنڌو لوڪن جي پوري ڄاڻ هئي". ته ڇا اهو ممڪن نه آهي ته جنهن ٻوليءَ کي هن شڌ ڪيو، سا سنڌي ٻوليءَ جي ٿي ڪا نزديڪ ٻولي هئي؟

اڄ ڪلهه جي ڀاشا وگيانين جو رايو هن ريت آهي:

(١) ويدن جي هستيءَ ۾ اچڻ کان اڳ ٿي هند جي مختلف ايراضين ۾ ڪي ٻوليون، جي ڪنهن هڪ ٻوليءَ جون شاخون هيون، سي چالو هيون. جن شخصن ويدن جي رچنا ڪئي، انهن شخصن انهن ٻولين جو به

هڪ ڪڙي سٽي آهي جا ننڍن خواهه وڏن کي پياري وڻندي آهي. اهو **ڪرياٽو** اکر انهن **ڪرياٽ** لوڪن جوڙيو ورتو ٿيو وڃي ٿو. (ڏسو: اي گيٽ جو "اي هسٽري آف آسام، صفحو ١٢). ڪيڏو نه پراڻو اکر ٿيو!

ان زماني جو اهڙو هڪ ٻيو به اکر سنڌيءَ ۾ ملندو ٿيو اچي. اهو آهي **ڪُڪڙ**! سنڌيءَ ۾ هڪ لوڪ گيت آهي:

ڪڪڙ منهنجو رنگ رنگيلو، ٻي رنگيلي ٽون

نه مار منهنجي ڪڪڙ کي ...............

آسام ۾ هڪ جڳهه آهي جنهن کي چوندا آهن **ڪڪڙاڪاٽا**. ٿيو وڃي ٿو ته ان جڳهه تي اسون جي راجا نرڪ اسر، جنهن کي ڪرشن مار ڏنو هو، ڪاماکيا ناليءَ هڪ ديويءَ کان بدلو وٺڻ لاءِ ان جي پيهار ۾ ڪڪڙ کي ڪنو هو. (اي هسٽري آف آسام، صفحو ١٢) سنڌيءَ ۾ آسامي ٻولين کان سواءِ ٻين اڳين مڙئي هندي ٻولين ۾ ڪڪڙ کي ڪڪڙ نه چوندا آهن. سنڌيءَ ۾ ڪڪڙ جي آواز کي "ڪڪڙو ڪو" چوندا آهن، فرانسيءَ ۾ ڇون ڪو ڪور ڪو cocorico ۽ جرمنيءَ ۾ ڪڪرڪي kikeriki، ٻوءِ نه اهو **ڪڪڙ** اکر جهونو ٿي ٿيو.

سنڌ ۽ آسام ۾ ڪنهن وقت هڪ ئي قوم جا فرد

سنسڪرت ۽ سنڌي پراڪرت جو ٻاٽ ۾ ڪو تمام گهرو سنٻنڌ هجي؟ اهو ته ظاهر نه ٿيو آهي ته ڪهڙيءَ اپ ڀاشا کي شڌ ڪري سنسڪرت جو روپ ڏنو ويو. البو. آرياڻي ٻوليءَ جي گروه جون ڪيترائون ئي اپ ڀاشائون هيون، جن مان اوائلي سنڌي به هڪ اپ ڀاشا هئي. موهن جي دڙي جي سڀيتا جا اڏيندڙ ويدڪ آريه نه هئا. ان ڪري سنڌو ايراضيءَ واري سنڌي ٻولي ويدڪ آريه لوڪن جي اچڻ کان اڳ به قائم هئي. پر ان ٻوليءَ جو روپ ڪهڙو هو؟

موهن جي دڙي واري سڀيتا کي منگولائي قوم جي فردن ٽڪ زور ورتو هو. ان قوم کي آريه لوڪ **ڪيرت يا ڪريات** جي نالي سان سڏيندا هئا. "آهي هماليه وستي ڀهرين آسام، ڀوٽان ۽ نيپال ۾ اچي رهيا ۽ پوءِ سنڌ ڏانهن وڌي ويا." (سنيتي ڪمار چٽرجيءَ جي احمدآباد ۾ ڪيل تقرير). منوءَ انهن **ڪريات** لوڪن کي مليڇ ڪري سڏيو آهي. شو انهن لوڪن جو ئي اشت ديو ٿيو وڃي ٿو. اما ۽ گنگا کي **ڪراتيءَ** جي نالي سان به سڏيندا آهن. بلوچستان جي قلات واري ايراضي شايد ان قوم جي نالي پٺيان ئي ڏسجي. سنڌيءَ ۾ هڪ پسارڪو وڻ آهي **ڪرياتو** جنهن کي چرياتو به چون ٿا. آسامي ٻوليءَ ۾ به ان کي چرياتو چوندا آهن. ڪرياتو

| | | | |
|---|---|---|---|
| آرسي | آرسي | ڪٽي | ڪٽي |
| هاڃي | هاڻي | رڍڻ | رنڊا |
| هڱ | هنگ | راڌاڻو | راڌوڻ |

اکرن جي اهڙي هڪجهڙائيءَ مان ڇيڪر ڪهڙو نتيجو ڪڍجي؟

انهن ته پيا به ڪيترا سنڌي اکر آهن جن جهڙا اکر ڪن اهڙين قومن ۾ ملن ٿا جن سان سنڌين جو ظاهر ظهور ڪو به اتهاسڪ ميلاپ نظر نه ٿو اچي. مڪران کي ڪنهن سمي گيڊروشيا به چوندا هئا. اسٽو ٽرمٽ پڪٽ موجب "گيڊرو اکر جي معنيٰ آهي ڪارو." سنڌيءَ ۾ گبرو اکر آهي جنهن جو مطلب آهي "بد صورت ڪارو، اگرو." گبرو ۽ گيڊرو هڪ ٻئي سان ميل ٿا کائين.

اوڙيسا ۽ بهار جي پرانتن ۾ گونڊ نالي هڪ پٺتي پيل جاتي آهي. ان جاتيءَ جي هڪ لوڪ ڪٿا موجب "هڪ ڏينهن شو ۽ پاربتيءَ جو پاڻ ۾ جهيڳڙو ٿي پيو. پاربتي شو کي پرچائڻ لاءِ ڪيئي وهڻ ولوڙيا. پڇڪا جاليءَ جي هڪ پيڙي مانيءَ هن کي "ڪٽ، ڪٽ، ڪٽ، ڪٽ" نالي وارو تيل ڏنو جنهن سان جڏهن شو کي مالش ڪئي ويئي تڏهين شو کلي ويٺو ۽ پاربتي سان پرچي پيو." (ڏسو: ورير الون جو مٿس آف دي مڊل انڊيا) ۾ هڪ لوڪ ڪٿا. وري لاڳاپا

وهندا هئا ۽ ان ڪري ٻنهي ٻرڳڻن جي ٻولين ۾ به هڪجهڙا اکر هئڻ گهرجن. جي آسام ۾ اسر لوڪ هئا ته ملتان جو هرٽا ڪيشپ (پرهلاد جو پيءُ) به اسر جاتيءَ جو ئي هو. شري جيرامداس دولترام سنڌي ۽ آسامي ٻوليءَ جي اکرن ۾ ڪافي هڪجهڙائي ڏني آهي. سندس خيال موجب "آسامي ٻولي ماڳدي ٻوليءَ مان ڦٽي آهي ...... ۽ اها ان پرديش ۾ چالو آهي جو هندوستان جي ايڪدم جي ٻنهي اوڀر ۾ آهي، جتي جي رهواسين جو عام سنڌين سان گڏ رٻل ٻن ٽن هزار سالن ۾ ڪوبه گهرو ناتو ڪونه ٿيو آهي .... انهيءَ هوندي به سنڌي ۽ آسامي ٻوليون هڪ ٻئي جي ڏاڍو ويجهو آهن." هندواسي، ٣١ ڊسمبر ١٩٦١) شري جيرامداس ٻنهي ٻولين جا هم آوازي ۽ هم معنائي اکر به ٻڌايا آهن جن مان ڪي هي آهن:

| سنڌي | آسامي | سنڌي | آسامي |
|---|---|---|---|
| ڏگهو | ڏيگهل | ڪم | ڪم |
| ڪانءُ | ڪائوري | ڪاٺ | ڪاٺ |
| ڪير | ڪير | پٿر | پٿر |
| گيهه | گيهه | ماٿو | ماٿو |
| ٻلو | ٻال | رڪت | رڪ |
| ٻڌون | ٻڌو | پيٽ | پيٽ |
| ڪپهه | ڪپهه | ٻڪل | ٻڪلي |

ڳرڙ، ٻر ان جي اکري معنيٰ آهي ٻرو = اڳيان + هٿ = رکيل. (ڏسو: هندو سولزيشن، صفحو ۹۸). ڳرڙ جي جڳهه هر وقت اڳيان ٿي رهندي آهي. ويدن کان پوءِ ان طرح هڪ ٻيو به اکر ٺهي ويو. اهو آهي **سمهت** جنهن جي اکري معنيٰ آهي سم = گڏ + هٿ = رکيل = گڏ رکيل يعني جو ويدن سان گڏ رکجي. ويدن تي ٽيڪائن کي پوءِ "سمرت" ٿي سڏيو ويو. پر اهو اکر ڪجهه ٿورو گهڻو سان سنڌيءَ ۾ اڄ به قائم آهي ۽ معنيٰ به اوائلي قائم رکي اٿائين. ويدڪ سمهت ٿي سنڌيءَ ۾ ٿيو **سميت**!

سنڌيءَ ۾ هڪ چوڻي آهي

"گهر جو ٻير چلهه جو مارنگ".

مارنگ چئبو آهي هڪ قسم جو پٿر "جنهن تي دانگي يا ڪنو رکي هيٺان باهه ٻاري ڪاڄ جوڙي وٺبي". (گل شڪر، صفحو ۱۷۴) اهڙيءَ طرح رڌڻي ڪرڻ جي رسم بلڪل جهوني رسم آهي. اٿهاسڪار ڊي. ڊي. ڪوسمبيءَ جو رايو آهي ته "پٿريگ کان وٺي اها رسم هلندي ٿي اچي." مارنگ اکر سنڌي ٻوليءَ جو ذاتي اکر آهي ۽ ڪافي پراڻو ٿو ڏسجي.

پٿريگ جي هڪ ٻي به رسم سنڌ ۾ قائم آهي. اها آهي **روهي پيڇط**. ان رسم موجب هندو استريون

ساڻورا جاڳيءَ ۾ پُو چلت آهي. ان موجب "هڪ
جوڙي ۾ اچي قيمتارو ٿيو. ماڻي مڙس جو پيڇاڻو ڪرڻ
لاءِ "**ڪڻڪڻگ**" ڳالهي هڪ ڏيو وقت وڃي. ڪڻڪڻگ
ڏيو هسن کي هڪ قسم جي مٽي ڏني جا ماڻيءَ اچي
مڙس جي ڪڇن ۾ مهڻي مڙس ٿري ڳگهه ٿي پيو."
سنڌيءَ ۾ هڪ اکر آهي **ڪڻڪڻائي** معنيٰ آگرڻ
جي کيچل. هنديءَ ۾ ان کي چون گد گدي سنسڪرت
۾ ڪڪتائيءَ جو بنيادي اکر ڪواهي. ڪٿ ڪٿ
لِٺل ۽ ڪٽنڪ ڏيو اکرن سان ڪڪڙائي اکر ڪيڏو نه
ميل ٿو کائي! ڀر ڪٿي اوڙيسا ۽ بهار ۽ ڪٿي سنڌ!
سنڌ ۽ اتهن لوڪن جو پاڻ ۾ ميل ڪڏهن ٿيو؟

هڪ ٻيو اکر به اهڙيءَ ٿي هستيءَ وارو آهي. اهو
آهي نڪ جو آواز جنهن کي سنڌيءَ ۾ "سڻڪڻ"
چئبو آهي. گونڊ جاتيءَ جي هڪ ڪٿا موجب "هڪ
راجا هڪ سهڻي ڇوڪريءَ تي مفتون ٿي پيو ۽ کيس
هٿ ڪرڻ لاءِ ان جي ڪڍ لڳو. هڪ هنڌ ڇوڪريءَ
پاڻ کي جادوگر ڀاڻيءَ جي روپ ۾ آڻي راجا کي سراپ
ڏنو ته سندس نڪ "سرڪ سرڪ" ڪندو رهندو."
زڪام جي حملي وقت نڪ مان سرڪ سرڪ جو آواز
نڪرندو آهي ۽ ان سرڪ سرڪ مان ٿهي ويو "سڻڪڻ"

ورگ ويد جي ٻهرين منڊل جي ٻهر ٿين ٿي سلوڪ
۾ هڪ اکر آهي **ٻرو هٿ** جنهن جي معنيٰ آهي

جو لالو آهي ڀيرو. الهاسڪار ڊف موجب ”مرهٽن جي ڳوٺن ۾ ڀيرو ڪل سواميءَ جا ڪيترائي مندر آهن.“ (ڏسو: هسٽري آف دي مرهٽاز، جلد پهريون، صفحو ١٦) اڏيري لال کي ۾ اسين ڀيرو چوندا آهيون:

وهي ٿو وجود سان، سوڍو سانول شاهه
ڀيرو ڀيرواهه، ٿو ڏئي ڏاڻ ڏڏن کي.

ڪن ان ”ڀيروءَ“ کي ”ڀيرو“ ٻڌائي، ان جو ارٿ ساگر ڪيو آهي؛ ان سان ڀيرائي جو رشتو جوڙي، ان جو ارٿ ڀير = ساگر + انڊرالو = پيٽ = جو ساگر کي پيٽ ڪجهي ڏاڍو آهي. ڀيرائي جو اهو اشتقاق ۽ عجيب ٿيو لڳي. پوليءَ جي نيم موجب ان اشتقاق جو نڪرڻ اسنهو آهي. ان ڪري ڀيرالو اکر صحيح روپ ۾ ”ڀيرالو“ هئڻ گهرجي؛ ان جو مطلب ”ڀير جو اندرانو“ نه ٿيڻ گهرجي، پر ”ڀيرو ديو جو“ هئڻ کپي. اهو ديو جنهن کي جوڳين وارو سائين ۽ سڏيو ويندو آهي سڪنڌ ويديا جو ڏور ديوتا نه صرف جنگي ديوتا هو، پر سورهيه ديوتا پڻ هو. اڏيري لعل کي ان ڪري ”جوڳين وارو سائين“ سڏڻ سان صفت ڪري ٿي سڏيو ٿو وڃي:

هيٺين جا ته سهارا، لال اڏيرا جوڳين وارا

اهڙيءَ حالت ۾ ”ڀيرو ۽ ڀيرانو“ اکر ڪافي جهونا ٿيندا.

ٻار جي جنم کان پوءِ ڇٺيءَ کان اڳ، جنهن جي پڙ يا ٻتر کي ڪپڙا ويڙهي هنڌوري ۾ رکي لولي ڏيندا آهن ۽ ڪي "اڪڙ ڄائو، مڪڙ ڄائو" وغيره چوندا آهن. انهيءَ رسم جي مراد اها هوندي آهي ته جيئن ٻار جي آورجا وڌي ٿئي. اها رسم زالن تائين محدود هوندي آهي. مرهٽن ۾ اهڙي ئي رسم آهي. سنڌيءَ ۾ روهه معنيٰ پٿر، جبل.

جيئن ڪونجون سارن روهه کي، مون تن اندر ايئن
(شاهه)

ڇٺيءَ ته اها رسم آهي. ان سان واسطو رکندڙ اکر ڪافي زمان کان قائم رهندو ٿو اچي. هيئن ظاهر ٿئي رهيو آهي ته "ڪنهن وقت سڄي سوراشٽر ايراضيءَ تي موهن جي دڙي وارن لوڪن جو راڄ هو." (ٽائيمس آف انڊيا، ۲۸ اپريل ۱۹۶۳). ڊاڪٽر سانڪلي جو رايو آهي ته "پٿر يگ جا انسان آفريڪا کان سوراشٽر ۾ آيا هئا." ٻوني طرف پڻ پٿر يگ جي سڀيتا جا نشان مليا آهن. ان ڪري ائين پيو ڏسجي ته سنڌ کان وٺي مهاراشٽر تائين ڪنهن يگ ۾ هڪ ئي جاتيءَ وارا اوائلي لوڪ رهندا هئا.

مرهٽن ۾ ديوتائن کان سواءِ "ڪل سوامي" ۾ آهن جن جي پوڄا ڪئي ويندي آهي: انهن لاءِ مندر به ٺهرا ڪيا ويندا آهن. اهڙي هڪ ڪل سوامي

# ٢- پراڪرت وارو زمانو

گجراتي ڀاشا وگيانيءَ ٻيچرداس دوشيءَ جو رايو آهي ته ”جنهن سمي ويدڪ ڀاشا جيوت هئي، ان سمي آدم پراڪرت پنهنجي چوٽيءَ تي پهتل هئي.... آدم پراڪرت جي اکرن جو آريه لوڪن طرفان نرالو اچار ڪرڻ ڪري ۽ ان جي ٻين جاتين جي ٻولين سان ميل جول ڪري هڪ نئين ٻولي سرجي ويئي جا آريه لوڪن ۽ ٻين جاتين جي سمجهه ۾ اچي ٿي ويئي.“ (ڏسو: گجراتي ڀاشا ني اتڪرانتي)

ٻوليءَ کي ڀارتين پراڪرت ٿي سڏيو ٿي ويو. پراڪرت اکر جو ارٿ آهي پراڪ + ڪرت يعني جا سڀ کان ڀارتي ڀاشا جو روپ وٺي چڪي هجي. وياڪ پراڪرت ۽ لوڪڪ سنسڪرت ٻئي آدم پراڪرت جي ئي پيدائش چئون وڃن ٿيون. سنسڪرت ساهت ۾ جن اکرن جا اچار ٻڌا آهن، انهن اکرن تي پراڪرت جو ئي اثر ٿيل آهي. پراڪرت کي ڪيڏو نه مهتو مليل آهي، اهو ردرٽ جي ”ڪاويه النڪار“ جي هڪ سلوڪ مان ظاهر آهي:

پراڪرت سنسڪرت مگڌ پشاچ ڀاشا چرشورسيني چ،
ششٽو ترڀورڀيدو دشن وشو شاد اپڀرنش

اهڙائي جهونا اکر دراوڙي انگ ۽ ڪن راندين جا
اکر بہ آهن جي پڪن کان وٺي سنڌيءَ ۾ قائم آهن.
دراوڙن جو سنڌ ۾ سان ناتو آهي. لوڪن جي اچڻ
کان اڳ تي قائم ٿيل هو. ان ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾
اهي انگ ۽ اکر بہ ان زماني جا ٿي هئڻ گهرجن ۽
عجب جو سنڌيءَ انهن کي رتي ٻر بہ ڦيرايو نہ آهي.
مثال طور :-

وڪت (ڪناڙي وڪٽي) = هڪ، لين (تيليگو
رينمت) = ٻہ، موڙ (تيليگو موڙ) = ٽي، نار (تيليگو
نالگو، تامل، ۽ ڪناڙي نالڪو) = چار وغيره.

ٻاراڻي راند "ارچڪ مرچڪ، ڏاڏا ڏرچڪ، اڪر
ٻتيهر، ٽوبو نيهر، لوهو لاٽون، چڻڻ گهاٽون، ناگڻ جوڳڻ،
ڪارا ڪستي، ٻتي، هس چٽي" (سنڌي لغات،
صفحو ١٧٢) ٻڻ دراوڙي راند آهي. گهراليءَ ۾ بہ ان
امولي جي ريت آهي ۽ ان لاءِ اکر آهن "پيلو پاڪي،
شروڻ گاجي، اوڙ موڙ، دالو ڙي ڪهور، شاڪر شير
ڙي سنڌور، ٻائي لمارا، چليا ڇوڪرا، سارا ڇپي،
ٻريتم پڪلا، ٻاڙي ڇپي، اوش موش، ٻهرڙي تو
ٻولسڪو."

۽ اهڙيءَ طرح ڪيترن ئي سنڌي اکرن جو
جهونو اتهاس معلوم ڪري ٿو سگهجي.

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٽانڊو | ڏيئين | ڏوارڻ | ڏيهه واسي |
| ٻر | ٻر | ٻر سوي | ٻر ٿهن |
| ٻر مهه | ڀهڻجي مهن | ري | ڙي |
| وهل | وهلو | وٽا | ٻنا |
| سو ٿو | سڄو | ڄمڻ | ڄمڻ |
| وڏ ٻر | وڏ ٻر | کيڏ | کيڏ |
| ٻور ٿو | ٻور و | ڳجهو | ڳجهو |
| وڄڻو | وڇڙو | ڏ ڳهو | ڏ ڳهو |
| ٻيٺو | ٻيٺو | ٻيٺو | ٻهو |
| مهن | مڻهن | اڄهر و | اڄهر و |
| ڳهڙ و | ڳهڙ و | اڙ و | اڙ و |
| وٻڻ | وٻڻ | نيڻ | نيڻ |
| لٺ | ڏٺ (ندي) | سو هڻ | سو ٿهي |
| ٻهر و | ٻو لٺر | سو هڻ | سهٽو |
| ٽِر و | ڇر و | مڇر و | مڇر |
| و ڀڄو | و اڄ | ڪٽڻو | ڪٽي |
| سڻٿو | سڻو | سر و | سڙ و (سامان) |
| ٻامهٽو | ٻاڻڄ | ڇمر و | ڇمڙ و |
| ٻاڻٿو | ٻاڻو | اڻيو | ٿڻيو |
| و لڄٿو | و ڇڙ ن | الو | الو |
| ڇڻٿو | ڇو او | ڳد هو | ڳڏ هه |
| اڻب | اڻب | د ڪڪٽو | ڏ ڪڪڙ |

سلوڪ ۾ چاڻايل ڇهن ٻولين ۾ پراڪرت جو درجو ٻيون آهي. ڪوي راج راجه شيکر پنهنجي ”بال راماڻ“ جي سلوڪ ۴٨ - ۴٩ ۾ چاڻايو آهي ته ”سنسڪرت جي جنني پراڪرت ئي آهي.“ مها پنڊت واڪپتراج پڻ پنهنجي پراڪرت ڪاويه ”گئوڙ وهو“ ۾ لکيو آهي ته ”سڀ ٻوليون پراڪرت مان ئي جنميون آهن.“

پراڪرت واري دور جا ڪجهه اکر ملي ٿا وڃن جن جون معنائون ۽ اچار موجوده سنڌي جي اکرن جي معنائن ۽ اڳهه ڀڳهه ساڳين اچارن جهڙا آهن. مثال طور:

| پراڪرت | سنڌي | پراڪرت | سنڌي |
|---|---|---|---|
| اگئو | اڳيون | اري! | اڙي! |
| اگي | اڳي | اوس | اوس |
| اج | اڄ | اوو! | ابو! |
| امو! | اما! | اهو | اوهو! |
| ائو | اهو | او | او |
| اياڻ | هاڻ | [illegible] | ڪٿي |
| اڻ ٻئس | اڻ ويهه | گنڊ ئو | گنڊو |
| ڏٺو | ڏٺيو | جٿو | جو |
| جهه | جيڏن | جو ڻه جو ڻه | جيڏن جيڏن |
| ڏور | ڏور | ڏچه | اڇه |
| لڌجها | لڌهڌجا | لڳي | لڳن |
| لڌث | لڌي | لهه | لڌن |

وڳيا ٿين هار اول ۾ بدمس ٻه ڪٿي آهي . مثال طور :-
گهوڙو ، گهڙو ، ميلو وغيره .

” ڪاٽي “ اکر جو پراڪرت ڌاتو ٻه هو ” ڪٽ “ . لڳڻ جو پراڪرت ۾ اسم مفعول هو ” لڳيو “ سنڌي ءَ ۾ ٿيون ” لڳو ، لڳيو “ ” ڏ لو “ جو پراڪرت روپ هو ” ڏن “

**پراڪرت وارا انگ** :- پراڪرت جي دور ۾ هڪ کان وٺي ڏهن تائين انگ هن ريت هئا :- ايڪ ، ڊو ، ٽڻ ، چار ، پنچ ، ڇه ، سمت ، اٺ ، نو ، ڏهه ، ايارهه ، وارهه ، تيرهه ، چودهه ، پنرهه ، سورهه ، سترهه ، اٺرهه ، اڻاويس ، ويس . ( ڏسو :- ڪيلگ جو ” اي گرامر آف هندي لئنگيوئيج “ صفحو ٦٥ - ١٦٤ ۽ ڊوشيءَ جو ” پراڪرت وياڪرڻ “ صفحو ٣٥ - ٢٣٣ ) پراڪرت وقت پاڻ کي پاو ، ٽوٽي کي ٽون ، اڌ کي اڌا ، سوا کي سوائي ، ساڍي کي ساڍ ٽون ، اڍائي کي اڍائيا چوندا هئا . ” اُن “ معنيٰ هڪ گهٽ به پراڪرت وقت هو جو هينئر ” اُڻ “ پيا چئون ، جهڙوڪ اڻويهه ، اڻٽيهه وغيره .

ڪنڌهن ٿين ڪينڪي ، اوٺا ۾ اڌ ڪ . ( سامي )

پراڪرت جو دور اٽ ٽن هزارن اڳ جو دور چيو وڃي ٿو . ايتري عرصي کان پوءِ به سنڌيءَ ٻوليءَ جو روپ خاص بدليو ڪونهي . اها سنڌي ٻوليءَ جي هڪ ڳالهه خوبي چئبي !

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڏکيو | ڏکيو | ٿورو | ٿورو |
| ڇهه | چوڏهن | ٽيره | ٽيرهن |
| ٻُرٽ | ٻهرٽ | الگرٽ | اگرٽ |
| چنڊو | چنڊ | سنجها | سنجها |

پراڪرت جي زماني ۾ پتا لاءِ "پيءُ ۽ پِتر" اکر هئا. انهن جو ندائي روپ هوندو هو پِتَ! هي پِترو! پراتر لاءِ اکر هئا "ڀاءُ ۽ ڀاير." ماتا لاءِ "مائي ۽ ماءُ" ڌيءَ لاءِ هو "ڌِئا" (ڏسو ڊوشيءَ جو "پراڪرت وياڪرڻ"، صفحا ١٧٣، ١٧٤، ۽ ٢٢٦) سنڌيءَ ۾ هن وقت به پيءُ (جمع پير)، ڀاءُ، ماءُ، ۽ ڌيءَ چوندا آهيون.

ٽرمپ جي "سنڌي گرامر" (صفحو ٧٨) ۾ ڏيکاريل آهي ته سنڌيءَ ۾ ڪن صفتن جي پڇاڙيان "رو" لڳائي ان جي خاصيت کي ڪجهه گهٽ ڏيکارڻ لاءِ ڪڍي وينديون آهي جهڙيءَ طرح انگريزيءَ ۾ black کي ish لڳائي blackish چئون معنيٰ ٿورو گهٽ ڪارو "سنڌيءَ ۾ چئون "ڪارڙو، اڇڙو، ڳاڙهيرو" وغيره. اِها "رو" پڇاڙي پراڪرت ۾ ساڳي ئي هئي سنسڪرت ۾ ان جو روپ هو "ر" (ڏسو: ڪيلاگ جو اي گرامر آف هندي لئنگئيج، صفحو ٢٢٠)

ساڳيءَ طرح ڪن اسمن جي "او" پڇاڙي به پراڪرت جي لڳائي ئي ڇڏي وڃي. ان جي پُراڻائي پاشا

| | | |
|---|---|---|
| هرش | هرک (شوق) | ترواس ٽواٽو (ٽي وسڻا) |
| هيڻ | هيڻو (ڪمزور) | سڌ پٽي سڄهي (ٻاهٽي رڌڄي) |
| راڻي | راڻي (رڙواري) | لٽ ڙڙ |
| ول | ول | ورڪ ورلو |
| ڀنگل | ڀنگلو | ورس ورس (اهواس) |
| مشي | مس (سياهي) | ڪشر ڪر |
| شيالڪ | سيارو | مڃيت مٽي |
| وڏو | وهو (زال) | شياملہ ساٺورو |
| شيٽي | سيڻ (اڏي) | ڏاٽي ڏاٽڻ (ٽنجهه ڀيڙ) |
| هٽ | هٽ | ڪشري ڇري |

اسم ذات جي مثالي **آئي** (پلاٽي، ٻراٽي، ڇگاٽي) جو مول ٻراڪرت روپ **ڏاٽ** ڇڻو وڃي ٿو ڇو ويدڪ ٻوليءَ ۾ بہ ساڳئي روپ ۾ قائم آهي. ٻراڪرت ۾ اها ڏن. ڏڻ (ٻالا ڏڻ) ۽ ٻڙڻ (ٻهاٻڙڻ) وغيره جي روپن ۾ بہ ڪم آيل آهي.

ويدن واري ٻگہ ۾ ڪاڏي لاءِ هڪ اکر هو **وجر.** انگريزيءَ ڪي "وجرپره" سڏيو ويو آهي. **وج** پڻا اکر جو مطلب هو ڪاڏو پيٽو. اهڙو ويد ۾ **وج** پڻا هڪ ڏرمي ڪريا جو نالو ڇڻو ويو آهي. سنڌيءَ ۾ هڪ اکر آهي **وزم** جو عام طرح نشئي لوڪ ڪم آڻيندا آهن. چرس ۽ گانجي ۽ آفيم جي ڦوڪ کي اهي **وزم** ٿي چوندا آهن عادتي ٻهاڪ ان وزم ٻرڻ کان سواءِ

# ٣ - ويدن وقت ٻوليءَ جو روپ

رگ ويد ۽ اٿر ويد عيسوي سن کان اٽڪل ٻه هزار ورهيه اڳ جاچيا وڃن ٿا. انهن ويدن ۾ ڪم آيل ٻولي پراچين آريه ٻوليءَ جي هڪ شاخ هئي، جنهن ٽيڪ ويدن جي رچيندڙن ان وقت جي پراڪرت ٻولين مان ٻه ڪيترن اکرن جو سهارو ورتو. اٿر ويد ۾ ته ڪي اکر اهڙا به ڪم آيل آهن جو ٽلڪ جي راءِ موجب "هند ۾ اهڙا ڪي ساڌن ٿي اچان ڪونهن جو انهن اکرن جو بنياد ڳولهي ڪڍجي." (ڏسو: ٽلڪ جو The Orion) ڪيترن جاٽن جي راءِ موجب ويدن واري ٻوليءَ ۽ سنڌي پراڪرت وچ ۾ گهڻو تفاوت ڪونه هو. اها ويدن واري ٻولي ٿي ٻوءِ اپڀرنش جي منزل ٿي وڃي پهتي ۽ ان کي ولڀڪ پرشت اپڀرنش کان پڃاڻڻ لاءِ ٿي پاڻن رشيءَ ان کي وياڪرڻ جي قاعدن ۾ جڪڙي سنسڪرت جو روپ ڏنو ويو. ان وقت جا ڪي اکر موجوده سنڌي اکرن سان گهڻو ميل ٿا کائين.

| ويدڪ اکر | سنڌي اکر | ويدڪ اکر | سنڌي اکر |
| --- | --- | --- | --- |
| چرو | چرڻ (کائڻ) | چڳل | چيلو |
| لونگ | لڱ اگ | ٻتي | جتي (سنياسي) |
| چار | يار (پيار ڪندڙ) | ڪرشت | ڪرتو (ڪڙ) |

# ۴- ويدن ڪان پوءِ جي سنڌي

ويدن ڪان پوءِ سنسڪرت جو دور اچي ٿو جو ٻڌ ۽ جين ڌرمن جي هستيءَ ۾ اچڻ وقت قائم هو. ان ڪان پوءِ سنسڪرت کي ڪجهه ڌڪ لڳو، ۽ عوامي ٻوليون اڳتي وڌيون. ڪمارل ڀٽ ۽ شنڪر آچاريه ڪان پوءِ وري سنسڪرت زور ورتو. ان دور جا ڪي اکر موجود هن، سنڌي اکرن سان ميل ڏنا ڪائين.

| سنسڪرت | سنڌي | | سنسڪرت | سنڌي | |
|---|---|---|---|---|---|
| جاوڪ | ڄڻور | | جنگهيا | جنگهه | |
| جاماتر | ڄاٽو (ناٺي) | | گوشٺ | ڳوٺ | |
| ڏٽن | ڳهاٽ | | ٽڪ | ٽڪر | (wharf) |
| ورڪر | ڀڪر | | پروڻ | پرب | (festival) |
| ڪرڪر | ڪڪڙو | | ترڻ | ترڻ | to swim |
| ونگن | واڳڻ | | پرهر | پهر | watch |
| بڌر | ٻوڙو | deaf | نين | نيڻ | |
| نشچيه | نهچو | certainty | ڪڏن | ڪڏڻ | |
| وڀوت | ڀڀوت | ashes | وايو | واءُ | wild |
| پرستر | پٿر | stone | چاٽ | چاٽڪ (چٽ) | flattery |
| مهارگهه | مهانگو | | ديوآليه | ڏيرو | temple |
| ڪاسيس | ڪس (زنگ) | | اليڪ | الڙ | |
| ڪوردن | ڪڏڻ | leap | گرسن | ڳيهڻ | swallow |

نه رهي سگهندا آهن يعني اهو وزم انهن جو هڪ قسم
جو ڪاڏو سڏيو ويندو آهي. "ج" اکر هنڌ ڄي "ز"
ٿي سگهي ٿو. جهڙيءَ طرح عربي "جنجير" اکر
سنڌيءَ ۾ "زنجير" ٿي ويو آهي.

ٿيو نرمل اردو ڪتي جيءَ جنجير سبب. (ساهي)

وزم ان ڪري اوائلي وجم ٿي هوندو. "وجم ٻره"
؟ "وزن ٻرڻ" وچ ۾ ڪافي ميل ٿو اظر اچي.

سنڌيءَ ۾ هڪ اکر آهي **وراهڻ** معنيٰ تقسيم
ڪرڻ. هڪ ويدڪ ڌاتو **ور** جو مطلب به هو وراهڻ
to divide اهو **ور** شايد **وراهڻ** جو بنياد ٿو ڏسجي.

سنڌيءَ ۾ هڪ ٻيو اکر آهي. **ويري** جا رس
ڦٽائيندي آهي يعني سڀني پاڻن کي به هڪ اٽي جا
چالي يا مکسي هٽائي ڇڏيندي آهي اهو اکر ملڪيت
جي ورهاڱي وقت ڪم آڻبو آهي. رگويد ۾ انڪل
اٺاهتر دفعا هڪ اکر ڪم آيل آهي. جو آهي **وريه**.
ان جو مطلب ڪيو ويو آهي دنيوي دولت. شاين
آچاريه ان جو مطلب "چوپائي مال جي دولت"
ڪيو آهي. سنڌي ويري اکر ان ويدڪ **وريه**
اکر سان چڱو ميل ٿو کائي.

۽ ڪيترا سنڌي ٻوليءَ ۾ جيئن جو تيئن قائم آهن جيتوڻيڪ سنسڪرت مان جنم ورتل ٻولين ۾ انهن اکرن جو روپ ڪافي بدلجي ۽ ويو آهي ؛ ڪن حالتن ۾ ته ڪجهه اکر انهن ٻولين وڃائي ڇڏيا آهن .

| سنڌي | پاڙن اکر | سنڌي | پاڙن اکر |
|---|---|---|---|
| ان (اناج) | ان | مرچ | مرچ |
| ساڳ | ساڪ | ڀاڄي | ڀاڄي |
| ٻڪل | ٻڪلي | ٻيٽ (ڪاڪو) | ٻڪس |
| ڪاڪو | ڪاڪ | ڏهي | ددي |
| جو | ٻو | سيءَ لپ | سيتڪ |
| جنگهه | جنگها | ٻوٻو | ادر |
| سٿر | ارو سٿو | ڪڪر | ڪڪش |
| اره | آرس | ٻاسري | ٻرس |
| ڪن | ڪرڻ | اک | اکش |
| ٻرون | ٻروو | جپ | جمر |
| لوڻ | لون | للاٽ | للاٽ |
| ڪڙو لوڻ ڪوات ٿوهڙو | | چت | چدس |
| ڪت | ڪتوا | پلنگ | پلينڪ |
| ڪونڊي | ڪنڊي | ٿالهي | ستالي |
| ٻاٽ | ٻاڪر | ڪنڀ | (ڪنڊو) ڪنڀ |
| ڳوڻ | ڳوڻي | ملهه | ملسم |

| | | |
|---|---|---|
| گهورڻ گهمڻ | مرش مهڻ | rub |
| ورڻ وات (وستو) | ڪنڪال ڪنگال (غريب) | |
| ڪنڪڻ ڪنگڻ | ڪرپٽ | ڪپڙو |
| ڪناهه ڪڙاهي | پاتڪ | پاڙو |
| گهٽ گهڙو (مٽڪو) گهوٽڪ | | گهوڙو |
| سوڻ سهڻ | ڪپاٽ | ڪپاٽ (در) |
| سور ٽڪار سونارو | گهاس | گهج (زخم) |
| ڪادڻ ڪاڻڻ | رودن | روئڻ |
| دن ڏڻ | تڪشڻ | ٻکڻ |
| ديا ڏيا | دان | ڏاڻ |
| ٻڙن ٻيڙڻ | ڪل | ڪر |
| جل جر | تالو | تارون |

پراڪرت : ڪپڙو ، ڪپڙ پراڪرت پهاڻ ٻڌڻ

## ۵ - پاڙن جي زماني وارا اکر

پاڙن مهرشي آيي هوجنهن آريه لوڪن جي هڪ ٻولي کي وياڪرڻ جي نيمن ۾ بند ڪري ان کي سنسڪرت جو نالو ڏنو . هو عيسوي سنه کان ٻه ڇهه سو ورهيه اڳ پنجاب جي اولهه طرف بدوءَ وانگو رهندو هو. هو سنڌو لوڪن کان پڻ ڀلي ڀت واقف هو. هن جي وقت ۾ جيڪي اکر سنسڪرت ٻوليءَ ۾ مروج هئا، انهن مان اچ

راءِ موجب ”ٻره لفظ کي خاص معنيٰ ٻه آهي. هڪ هٿ جي ڇيڙي کان ٻئي هٿ جي ڇيڙي جي ڊيگهه کي ٻه ٻره چئبو آهي جا ڊيگهه اٽڪري ٿـي ٿيندي آهي جيتري ڪنهن ماڻهوءَ جي ڊيگهه. ٻره ۾ ڇهه فوٽ ليکيندا آهن.“ (لطيفي سير صفحو ١٠٨-٩)

سنڌيءَ ۾ هڪ پهاڪو آهي ”جو ڊيٻري گڏهه رکپال.“ جو سنڌين جو ڪاڻو ڪوٺهن، پر اهو پهاڪو ڪو ٻراهين ٿو ڏسڻ ۾ اچي. آڳاٽي وقت ۾ جو مکيه ڪاڻو سمجهيو ويندو هو. ٽالپرن جي وقت ۾ جون جي فصل کي اهڙي نه اهميت هوندي هئي، جو ان جي پوکه لاءِ سرڪار طرفان خاص عملدار رکيل هئا، جن عملدارن کي ”ڊوٻال“ چيو ويندو هو.“ (ڏسو: انڊيا انڊر دي ٽالپرن) عملدار يعني ڊوپال جي رشوتخور هئڻ جي ڪري ئي ”جو ڊيٻري گڏهه رکـپال“ جو پهاڪو هستيءَ ۾ آيو ٿو ڏسجي.

”**ڪارو چور**“ اصطلاح جي معنيٰ ٻر ماند موزاڻام جي ڊڪشنريءَ موجب آهي ”اڻ ڄاتـل ماڻـهو an unknown person.“ اهو اصطلاح ٻـ. سنڌيءَ ۾ زمانن کان وٺي مروج آهي. دوارڪا پرساد جي ”سنسڪرت شبد ارٿ“ موجب ”**ڪارُو چورهُ**“ معنيٰ ”ڪامڻ هڻندڙ.“ ڪامڻ هڻندڙ شخص جو ٻيو ورلي ٻولڻو آهي. عام طرح ڪارو چور ان کي چيو ويندو

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٻپ | ڏرپ | ڪرهو (اٺ) | ڪرپ |
| اُن | اُون | ڀنگه | ڀنگه |
| ٻچو | ٻچو | ڪاري | ڪاري |
| ڪس | ڪس | ٻار | ڄار |
| مٽ | مٽ | آسيس | آسيھ |
| چونڊري | چڙ | اکري | اکو |
| آکڙ | اکڻ | ٻاسڻ | واسڻ |
| ريهر | ريهو (اٺر وارو) | | |

ٻاڻن جي ڏيهن ۾ رپ سڪي طور ۾ ڪم ايندو هو ڪو تنهن هڪ عملدار والي "رو ٻسد رشڪ" جو ۾ ذڪر ڪيو آهي.

## اصطلاح ۽ ٻهاڪا

ٻاڏن جي ڏيهن ۾ لبانيءَ ۽ ٻوليءَ جي ماپ ٻرشن يعني ماڻهن جي حساب سان ڪئي ويندي هئي. جي ڪڏهن ڪلاءِ جو ٻاڻي ماڻهوءَ جي ڪوڏي ٽانگن مس ايندو هو ته چئبو هو ته "ڪوڏي جيترو پاڻي آهي." اهڙيءَ طرح "مڙس جيترو پاڻي، گرانٽ جيترو پاڻي، ٻه هٿ، ٽي هٿ" وغيره ماپون هستي ۾ آيون جي اڄ به قائم آهن. ٻر طرف ڪن ڪوهن کي ساڍيڪو يا ساڍيڪو چوندا آهن. ان جو مطلب هوندو آهي سٺ پره اوڀر ڪوهه. ٻسره اصل ۾ آهي سنسڪرت ٻرش معنيٰ ماڻهو. ٻيرو مل مهرچند جي

**ويهات** جنهن جو مطلب هو ”ڳانءِ جنهن جو ڪرپ ڪري.“ سنڌيءَ ۾ ڳانءِ ٻڪري يا استري ٻهرئون ويم ڪري ته ٿي ٻهر ٻاس.

**سڱنڌ** و اڪر جون پاڻن جي وقت ۾ ٽي معنائون هيون (١) سنڌ ديش جو رهواسي (٢) سنڌي ٽڪو (٣) سنڌي رهڻي ڪهڻي. سنڌي پڳڙي هڪ نرالي ۽ شاندار بناوت واري پڳڙي آهي. ڪٿي ائين ته نه آهي ته اها سنڌي پڳڙي پاڻن جي وقت ۾ به قايم هئي؟

# ٦- اپ ڀرنش جي منزل

**اپ ڀرنش** لئي قلم هلائيندڙي پنڊت دوشيءَ لکيو آهي ته ”مگڌي ۽ شورسيني ٻولين لاءِ ته اپراضي هئي، پر اپڀرانش لاءِ ڪاٻه اپراضي نه هئي. حقيقت ۾ سنسڪرت جي بگڙيل روپ، ارڌ پراڪرت، مگڌي، شورسيني وغيره ٻولين جي بگڙيل روپن جو نالو ٿي هو اپڀرنش. پر اپڀرنش ته ان وقت کان جنمي ٿي ڏسجي، جنهن وقت آدم پراڪرت هستيءَ ۾ هئي. آر نه، لوڪن پراڪرت جي جن اکرن جو اچار غلط ٿي ڪيو، انهن اکرن کي ٿي ڀرشت ٿيل سڏيو ويو .... ٻڌ ۽ مهاوير جهڙي پرشن ۽ پرچارڪن ان اپڀرنش جو ٿي سهارو ورتو هو- ان وقت ان کي لوڪ ٻولي ٿي

آهي جو ٻڪو چور هجي. ڪاري چور جي اکري معنيٰ ڪڍي وئي آهي ڪاري رنگ يا لباس وارو چور Black thief. ان جي صحيح معنيٰ اها هئڻ گهرجي "اهو چور جو ڪاراڻ يعني اوندهه جو فائدو وٺي ڪاٽ هڻي."

سنڌيءَ ۾ هڪ اصطلاح آهي ڀر ڀرڻ معنيٰ ڪنهن سان ڀلائي ڪرڻ "To do an act of kindness" پاڻن جي وقت ۾ هڪ اکر هو سپت ڀاد جنهن جو اکري مطلب هو "ست ڀير" پر معنيٰ هئس "دوستي، ڪنهن سان ڀلائي." ڀاد ۽ ڀر ٻنهي جي معنيٰ ۽ بنياد ساڳيو ئي آهي. ان ڪري "ڀر ڀرڻ" ۽ "سپت ڀاد" جو بنياد به ساڳيو ئي ٿيو ٿو سمجهجي.

ٻيو هڪ سنڌي اصطلاح آهي لنگوٽيو يار معنيٰ جيون ڀر ساٿي. پاڻن جي زماني ۾ هڪ اکر هو اجاريه جنهن جو مطلب آهي هو عمر ڀر دوستي Life long friendship. لنگوٽيو يار اکر ان اجاريه اکر سان ميل ٿو کائي. يار کي اوائل ۾ جار به چوندا هئا ويدن ۾ انڌر کي جار يعني پيار ڪندڙ lover سڏيو ويو آهي.

جنهن شخص کي پٽ ڄاوا هجن، ان کي سنڌيءَ ۾ چون "پٽن ڄاوڻ وارو." پاڻن جي وقت جو اکر ان ساڳي معنيٰ وارو هو "پترڄاوڙ پدر". هڪ ٻيو اکر هو

مان ڏيءَ ، پرشت مان پٺي، پٺ اپڀرنش پر نهيا ٿا ڏسجن . ان معمول وقت ٿي مرقري و ( اڪ جي اچار سان گڏيل ) ٿيل ٿي ڏسجي . جهڙوڪ :- ڪمل مان ڪنول ، پرمر مان پوانر وغيره . وچن مان وڃڻ ، شاهن مان سهڻ ، ايين مان ٿيڻ ۽ پرلپ ( پرينم ) مان پڄ ۽ ان عرصي جي مثالي آهن :-

پرلو مڙس پڳه لڪجي، وچائجي نه وهي
ڪنڪن پر لاهارو پولدو ، مار پو پولدو نه هي

وچ ( مرڪز ) اڪر ۽ د پسم اپڀرنش جهو وڃي ٿو (ڏسو:- دوشيءَ جو اپڀرنش اؤ وياڪرڻ). ان وقت ۽ ڪن هنن واحد جي پڇاڙي " أ " ۽ جمع جي آ سان ٿيندي هئي .

## ٧- اپڀرنش کان پوءِ

مار ڪنڊيپ اپڀرنش جي ٻن قسمن جو بيان ڪيو آهي. (١) وراچڊ (٢) ناگر . وراچڊ اپڀرنش مان، گريئرسن موجب، سنڌي ٻوليءَ جو موجوده روپ نڪتو آهي . پر شري جهرامداس جي راءِ موجب "وراچڊ ناگر جوئي ڪو روپ هئي ۽ اها اتر سنڌ جي سرحدن ۽ ڏکڻ پنجاب جي ابراضين وچ ٿي ٻولي ويئي هوندي."
( ڏسو:- جهرامداس جي The Ancestry of Sindhi

سنڌيو ويو ” ( ڏسو- گجراتي ڀاشالي الڪراتي) پرست مڌيءَ جي ” ٻاڻي شاستر“ ۾ اپ ڀرنش ڻي ڪم آندل آهي.

اپ ڀرنش جي منزل وقت اکرن جي پڇاڙيءَ ۾ ”اُ“ تي آيو، جهڙوڪ: ”پٽڻ، سهڻڻ، جوٺهڻ، چنڊڻ، جهٽڻ.“ اها ئي پڇاڙي سنڌيءَ ۾ ”او“ تي آهي. مثال طور:- اگر هڻڻ- اگرو، وڪرڻ- وڪرو چترڻ- چتررو، ستڻ- ستو، انڻ- انو، پڪڻ- پڪو، گهوڙڻ- گهوڙو، سهلڻ- سولو، پٽڻ- پنو، وهلڻ- وهلو، سمڻ- سمو، ڪپڙڻ- ڪپڙو، جهٽڻ- جهولو، ڪوڙڻ- ڪوڙو، ڪوڻڻ- ڪوڻو، مهلڻ- ميلو وغيره.

اپ ڀرنش ۾ اِئُه پڇاڙي زمان ماضيءَ جي نيشاني ٻه هئي ته اسم مفعول سان ٻه لڳائي وينديءَ هئي. سنڌيءَ ۾ اها ڦري ”يو“ ٿي پيئي. مثال طور:- لڳ + ائه = لڳئه = لڳيو يا لڳو، آيه + ائه = آئيو = آيو. اکر جي ڌاتوءَ سان ”ائُڻ“ لڳائڻ سان اپ ڀرنش ۾ اسم فاعل ٺهيو جنهن جو سنڌي روپ هن طرح آهي:- مار + ائڻ = مارئڻ = مارڻو، مارينڊڙ. وڃ + ائڻ = وڃڻ = وڃڻو. وڃندڙ، ٻول + ائڻ = ٻولڻ = ٻولڻو، ٻولينڊڙ. جهلڪ + ائڻ = جهلڪڻ = جهلڪڻو، جهلڪندڙ وغيره.

ڪرڻ مان ڪچ ( ڪوڙ ) گهڙت مان گهڙ، ڏوڻ

البيروني ۽ به ڪي سنڌي اکر ڏنا آهن. مثال طور:- ٽوهر - ٽوهر، ٻيره - ٻيڙو، ٻرف - ٻرڪت (ٻهر ٻون) ٻيهه - ٻيو، ٽرنهائي - ٽيونهاهه، ٻره - ورهيه.

**(پ) ٻارهين صديءَ جي سنڌي:-** آچاريه هيمچندر ڪيترن اهڙن ديسي اکرن جو ذڪر ڪيو آهي جي سنڌي اکرن سان ٺهڪن ٿا، جهڙوڪ:- اڙد (دال جو قسم) - اڙد، اڳهٽي - اوڳهي (سمهي) ٻوٽو - ٻيمٽ، ڪهڙو - ڪيڙو، ٻڙل - ٻڙل (ليڱوا)، ڇوڏ - ڇهي، ٻوڙو - ٻوڙو (گاهه)، جهنڪٽي - جڪي (هار ڪائي)، لنگي - لڳي (راب)، ليڇ - نيڇ (گهڙو)، ڪرچ - ڪٽچ، (ڪنب)، اوگيٽ - اوڳي (حيران)، ڇوه - ڇوه، ڇيهه - ڇيهه، ٻرات - ٻرات (ڏواي)، ٻالي - ٻالي، اوسٽ - اوسڙو، پٽي - پٽي (مٽي)، چڪي - چڪي (ٻلجي)، وهڙ - وهڙو، اداوا - آڏا ٻائي - ٻسڏي، ڏنسٽ - ڏنسٽ، اهالهه - لسهار، ٽيهه - ليهه (سڪ). هڙو - هڙو، لٽ - ليٽ، آٽي - آٻو وغيره.

**(ٽ) تيرهين صديءَ جي سنڌي:-** تيرهين صديءَ جي گجراتيءَ جا ڪيترائي اکر سنڌي ٻوليءَ جي اکرن سان ميل ٿا کائين:- سنجهاهه - سنجها، جڳڙ - جهڳڙي، سنڌهه - سنڌ (سان)، ٻٽڙ - ٻوڙ، ٻاٽ - ٻاٽ، وڄڻ - وڄڻ، اڳيٽ - اڳيان، ٻوري - ٻوري، واڙ - واڙو،

ابيراش جي معزول ڪرڻ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي صورت هن موجب ٺهي رهي آهي.

**(الف) اٺين صديءَ جي سنڌي:-** اڄ ڪار پراڻن ٻولين جي ڪتاب "ڪوليہ مالاڪتا" ۾ ڏنل ڪن اکرن جو ميل موجوده سنڌي اکرن سان پورو پورو لڳي - جهڙيءَ طرح :- جو - جو ، سو - سو ، ماءُ پيءُ - ماءُ پيءُ ، ملهيائي - ملهيو ، ڇڏيئي - ڇاڏجي ، ڪيائو - ڪيائي ، ٻارڻ - ٻوري ، هرڻ - هري ، ورسيئي - ورسي ، ڏٺو - ڏٺو وغيره.

**(ب) ڏهين صديءَ جي سنڌي:-** راجائن جي مني راسٺي جي لکيل دوهن ۾ ڪتب آيل اکر هن موجب آهن :- اليئي - الي ، اساڻ - اياڻ ، اڄ - اڄ ، اٿ - اٿ ، آڪا - اڪا ، ٻن - ٻن ، پرلوه - پرلوڪ ، جاڳجي - جاڳجي ، ڇڏي - ڇڏي ، ڦٽي - ڦٽي ، سڙ - سڙ ، لڳي - لڳي ، لڌ - لڌ ، مٺو - مٺو ، (مري ويو) ، مڇه - مڇه ، مليا - مليا ، وسيا - وسيا ، ڪرها - ڪرها ، ڪهاڙ - ڪهاڙ ، ڪوه - ڪوه (ڇو؟) ، هٿ - هٿ

**(پ) ٻارهين صديءَ جي سنڌي:-** چند وردائي پيٽ جي "ٻرٿوي راج راسو" ۾ ڪتب آيل ڪجهه اکر هن ريت آهن :- ڌ - ڌ ، ٻڌڪيو - ٻڌڪيو ، اگهار - اگهار ، گهٽ وڌ - گهٽ وڌ ، ڪوٺي - ڪوٺي ، ڏجو - ڏجو ، ٻڙهي - ٻڙهي.

سانڀر - ساڀر (سمنڊ) ملهه - ملي، ڏٺهه - ڏٺي، جاءِ - جاءِ، ناس - ناس، لڪ - لڪ، سيءُ - سيءُ، ڏيءُ - ڏيءُ، چٻڙ - چڙهي، ڀتار - ڀتار، لهه - لهي، ڪاٻو ٻنهو - ڪاءِ ٻيءُ، گهه - گسرجي، ڪوڙ - ڪوڙو، هينئڙ - هيٺ، لوڙ - لوڪ

ڀهرين وچان لوءِ ٻوءِ مر ٻچهر ڏ ڀنهڙا. (شاهه)

"مر" معنيٰ "پلي" اکر ڪانياواڙي ٻوليءَ ۾ ايامن کان ولي رهند و ٺو اڃي ڪانياواڙي ٻوليءَ جو ٻيو اکر آهي "ڏاڏي" معنيٰ "وقت" جو ۽ سنڌيءَ ۾ ساڳي معنيٰ ٿو رکي. ان مان ٻيو اکر نڪتل آهي ڏنڻ جنهن جو سنسڪرت لفظ آهي ڏنڪن.

ان کان ٻوءِ سنڌيءَ جو لکت ساهت هت آيو آهي جنهن مان سنڌيءَ جو روپ ظاهر ظهور آهي. ان مان اهو واضع ٿو ٿئي ته ايامن کان ولي سنڌي ٻوليءَ جا اکر لگ ڀڳ پنهنجي ساڳئي روپ ۾ رهندا ٿا اچن ۽ اهڙيءَ طرح ٻوليءَ جون گهڻيون ڪڙيون ملي هڪ زنجير ناهي ٿيون ڇڏ ين.

DR. GHULAM ALI ALLANA
DONATED BY
HYD. SINDH

# سنڌي

سنڌي هڪ نيڙي جاتي هوندي ۽ شاندار ماضيءَ جي مالڪ آهي. هزارين سال اڳ جڏهن دنيا جون ٻيون جاتيون سڀيتا جي ٻهرئين مدول ۾ قدم رکي رهيون هيون، تڏهن سنڌي جاتي ڪيترن منزلون پار ڪري چڪي هئي.

الهاس جي دور ۾ سنڌيءَ جو ڪيترن ئي جاتين سان گهرو ناتو پڻ رهيو آهي. سنڌوءَ جي جهلڪ هڪ طرف سنڌيءَ جي انهيءَ گهري سنبنڌ جي جهلڪ ٿي پسائي ته ٻئي طرف وري ان سنبنڌ جي سنڌي ٻوليءَ تي اثر کي ئي ظاهر ڪري. اها سنڌي ٻولي، جا سخت گردش جي باوجود به اڄ ڪان وٺي پنهنجي لڳ ڀڳ ساڳئي روپ ۾ رهندي ٿي اچي.

سنڌوءَ جي جهلڪ سنڌي جاتيءَ جي اهم رسمن رواجن، لوڪ گيتن، ديوين ديوتائن جي الهاس تي روشني ٿي وجهي.